ANIL BOOK STORE
SHAHI BAZAR RADHAN
Taluka Mehar Distt: DADU

انمول سنڌي گرامر

Anmol Sindhi Grammer

ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس لاءِ

* گرامر	* شعرجاقسم	* پهاڪا
* علم بديع	* اصطلاح	* ضد
* علم عروض	* اشتقاق	* فصاحت ۽ بلاغت

* مولف *
شفيع محمد ايچ - ايم - ايس - شيخ
اديب سنڌي - عالم - فاضل

شفيع اسٽور بڪسيلرس
بندر روڊ لاڙڪاڻو سنڌ

تعارف

* هن ڪتاب جي تاليف ڪرڻ کان اڳ گهڻن ئي ڪتابن جو مطالعو ڪيو ويو.
ظاهر آهي تہ، ادبي ڪتاب جي لکڻ لاءِ، ٻين ڪتابن جي تعاون کان سواءِ بهتر ڪتاب لکڻ مشڪل آهي
* خاص ڪري شاگرد طبقي جو خيال رکي هي ڪتاب نئين نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي.
* گرامر جي قاعدن ۽ قانونن کي آسان نموني ۾ سمجهايو ويو آهي.
* ازانسواءِ اصطلاح، پهاڪن کي معانيءَ ۽ سمجهائين سان جملن ۾ استعمال ڪري ڏيکاريو ويو آهي.
* ان کانسواءِ "علم عروض" جي صنفن کي پڻ ڪوشش ڪري سولي نموني سان سمجهايو ويو آهي
* "اشتقاق" کي پڻ نئين ۽ آسان طريقي سان لکيو ويو آهي.
* انسان خاطي آهي، تنهن ڪري قارئين ڪرام کي ڪا غلطي ڏسڻ ۾ اچي تہ ان کان آگاهي ڪرڻ جي عنايت ڪرڻ فرمائيندا.

شفيع محمد

انمول سنڌي گرامر

Anmol Sindhi Grammer

ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس لاءِ

* مولف *

شفيع محمد ايچ - ايم - ايس - شيخ

اديب فاضل

[ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم آهن]

شفيع اسٽور بڪسيلرس

بندر روڊ لاڙڪاڻو

فهرست

(١) گرامر ـــــ ٣
(٢) تشبيهه ـــــ ٢٤
(٣) استعاره ـــــ ٢٤
(٤) ڪنايه ـــــ ٢٥
(٥) مجاز مرسل ـــــ ٢٥
(٦) علم بديع ـــــ ٢٥
(٧) تجنيس حرفي ـــــ ٢٦
(٨) تجنيس تام ـــــ ٢٦
(٩) علم عروض ـــــ ٢٦
(١٠) بحر ـــــ ٢٧
(١١) ڪافيو ـــــ ٢٧
(١٢) رديف ـــــ ٢٨
(١٣) تقطيع ـــــ ٢٨
(١٤) ڇيد ـــــ ٢٩
(١٥) شعر جا قسم ـــــ ٢٩
(١٦) اصطلاح ـــــ ٤٠
(١٧) اشتقاق ـــــ ٧٥
(١٨) پهاڪا ـــــ ١٠٩
(١٩) ضد ـــــ ١٢٦

حمد ـ نعت ـ قصيدو ـ مثنوي ـ رباعي ـ غزل ـ مرثيو قطعو ـ ڏوهيڙو ـ بيت ـ سلوڪ ـ وائي ـ ڪافي ـ فصاحت بلاغت ـ سلاست ـ تخيل.

انتساب

هي ڪتاب نهايت عـزت ۽ احترام سان پنهنجي جيجل مٺڙي امڙ ڏانهن يادگار طور منسوب ڪريان ٿو، جنهن جي دعائـن ســان ڪجهہ ڪرڻ جي قــابل ٿيو آهيان بارگاهہ ربالعزت دست بدعا آهيان تہ اللهپـاڪ والده مرحومہ کي جوار رحمت عطا فرمائي آمين.

٢- نهايت واجبالاحترام قبلا والد شريف جن ڏانهن پڻ ، جنهن جي دعائن ۽ مهربانين هن ناچيز کي فيض بخشيو آهي.

دعا آهي تہ الله پاڪ کين خضري عمر عطا فرمائي آمين.

نــاچيز
شفيع محمد

فقط 15 - 9 - 81

بسم الله الرحمٰن الرحيم

انمول سنڌي گرامر
Anmol Sindhi Grammer

”گرامر“ (Grammer) انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن کي عربيءَ ۾ ”حرف نحو“ ۽ سنسڪرت ۾ وياڪرڻ چئجي ٿو.

گرامر سکڻ ذريعي، اسين نه صرف صحيح ڳالهائي سگهنداسون، ليڪن لکڻ ۽ پڙهڻ ذريعي ٻين کي ٻڌ سولائيءَ سان سمجهائي سگهنداسون. ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو، جيڪڏهن ائين ڪثي چئجي ته ”علم گرامر“ کان سواءِ ٻولي اڻ پوري ٿيندي.

سنڌي ٻولي ۾ گرامر موجب ڳالهائڻ جا ”٨ قسم“

آهن جيڪي هيٺيان آهن.
(۱) اسم (۲) ضمير (۳) صفت (۴) فعل (۵) ظرف (۶) حرف جر (۷) حرف جملو (۸) حرف ندا.

(۱) "اسم"	(Noun) "اسم" جي معاني آهي "نالو" ڪنهن ماڻهوءَ، ساهواري شيءِ، بي جان شيءِ، جاءِ ڪم، حالت ۽ خاصيت جي نالي کي "اسم" چئبو آهي.
(۲) "ضمير"	(Pronoun) "ضمير" اهو لفظ آهي جو جملي ۾ اسم جي بدران ڪم اچي تنهن لفظ کي "ضمير" چئبو آهي.
(۳) "صفت"	(Adjective) "صفت" اهو لفظ آهي، جو جملي ۾ اسم جو گڻ يا اوگڻ، قسم، انداز ۽ قد يا مقدار ڏيکاري تنهن لفظ کي "صفت" چئبو آهي.
(۴) "فعل"	(Verb) "فعل" اهو لفظ آهي جو جملي ۾ سهڻ - ڪرڻ، هئڻ، ٿيڻ يا پوڻ جي معاني ڏيکاري، تنهن لفظ

کي "فعل" چئبو آهي - فعل معنائي "ڪر"

(٥) "ظرف" — (Adverb) "ظرف" اهو لفظ آهي، جو جملي ۾ فعل، صفت ۽ وقت سان لڳي، جاءِ، ناڪاري ۽ ريت يا قدر جي معنائي ڏيکاري، تنهن لفظ کي "ظرف" چئبو آهي.

(٦) "حرف جر" — (Preposition) "حرف جر" اهو لفظ آهي، جو جملي جي اڳئين ۽ پوئين لفظ جو صحيح مطلب ظاهر ڪري، تنهن لفظ کي "حرف جر" چئبو آهي.

(٧) "حرف جملو" — (Conjuction) "حرف جملو" اهو لفظ آهي، جو لفظن، جملي جي بن ڀاڱن ۽ بن جملن کي پاڻ ۾ ڳنڍي يا ڌار ڪري، تنهن لفظ کي "حرف جملو" چئبو آهي.

(٨) "حرف ندا" — (Interjection) "حرف ندا" اهو لفظ آهي، جو جملي ۾ ڌار بيٺل هجي ۽ سڏ، خوشي، ڏک، عجب

ڪاوڙ يا ڏڪار ڏيکاري ، تنهن لفظ کي "حرف ندا" چئبو آهي .

اسم (Noun) جا قسم

[١] اسم ذات [٢] اسم عام [٣] اسم خاص [٤] اسم تصغير

[١] اسم ذات (Abstract noun)

وصف:- "اسم ذات" اهو نالو آهي جو ڪنهن خاصيت ڪم ۽ حالت جي نالن کي **اسم ذات** چئجي ٿو؛ اسم ذات اهي نالا آهن ، جيڪي ڏسي نه ٿا سگهون ، پر انهن جو دل ۾ خيال ڪري سگهون ٿا.

مثال:- بهادري - اچائي پيلائي - اميري - فقيري ، ڪل ، چرچو وغيره اهي اسم ذات آهن.

[٢] اسم عام (Common noun)

وصف:- "اسم عام" اهو نالو آهي، جو ڪنهن ماڻهو، جاه وغيره سان لاڳوئي سگهي ان کي **اسم عام** چئجي

مثال:- ڇوڪرو، گهوڙو، ڪتاب، ميز، ڪرسي، گهر، اسڪول وغيره اسم عام آهن.

[٣] اسم خاص (Proper noun)

وصف:- "اسم خاص اهو اسم آهي، جو ڪنهن ماڻهوءَ جاه ، شيءِ جو خاص نالو هجي . -

مثال:- عبد الله ، شفيع اسٽور ، شاه محمد اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول، اهي خاص نالا آهن.

[٤] اسم تصغير

وصف:- "اسم تصغير" اهو اسم آهي، جيڪو پنهنجي ننڍائپ ڏيکاري

مثال:- ٻارڙو - ننڍڙو - ڪتابڙو - ٻلڙو ، ٿورڙو وغيره.
تصغير معنيٰ صغير يا ننڍڙو.

ضمير (Pronoun) جا قسم

ضمير خالص:- (Personal Pronoun) خاص ڪري هي ضمير انسان ذات سان واسطو رکي ٿو، هن جا ٽي قسم آهن:

(١) ضمير متڪلم (٢) ضمير حاضر (٣) ضمير غائب

(١) ضمير متڪلم:- متڪلم معنيٰ (ڳالهائيندڙ) جيئن ته، اسين - مون - آءٌ - مان - اسان وغيره ضمير متڪلم آهن

(٢) ضمير حاضر:- اهي لفظ، جيڪي ماڻهوءَ يا ماڻهن سان واسطو رکن ٿا ۽ اهي حاضر هوندا آهن ، اهڙن ضميرن کي ضمير حاضر چوندا آهن، جيئن ته.
تون - توهان - توهين - اوهين - اوهان وغيره ضمير حاضر آهن

(٣) ضمير غائب:- اهڙا ضمير جيڪي ماڻهن جي بدران ڪم اچن ، ليڪن اهي غائب (لڪل) هجن ته اهڙن

ضميرن کي غائب چئجي ٿو - جيئن ته :-
هو هن - هنن - انهن - اهو - وغيره ضمير غائب آهن.

(٢) ضمير موصول (Relative Pronoun)

وصف:- اهي لفظ جيڪي جملي جي پاڱن کي ملائي هڪ ٻيو ورو جملو ٺاهين ٿا، ته اهڙن لفظن کي "ضمير موصول" چئجي ٿو، جيئن ته :-
جو - جيڪو - جيڪي - جيڪا - جا - جنهن وغيره کي ضمير موصول چئجي ٿو.

(٣) ضمير جواب موصول (Co-Relative Pronoun)

وصف:- اهي ضمير جيڪي موصول جي جواب ۾ ڪم اچن، تن لفظن کي "ضمير جواب موصول" چئجي، جيئن ته:-
سا - سو - تنهن - تن - سي - وغيره کي ضمير جواب موصول چئجي ٿو.

ضمير اشارو (Demonstrative)

وصف:- جيڪي ضمير اسمن ڏانهن اشارو ڪن، تن کي "ضمير اشارو" چئجي ٿو.
نوٽ:- ضمير اشاري جا ٻه قسم آهن.
(١) ضمير اشارو قريب (قريب معانيٰ ويجهو)
(٢) ضمير اشارو ڏور (ڏور معانيٰ پري)
ضمير اشارو قريب:- هيءَ - اهو (مثال "هيءَ" جانور ڪهڙو آهي)

ضمير اشارو ڏور:- هو آهو (مثال "هو" ڪير آهي)

ضمير مشترڪ (Reflective Pronoun)

وصف:- آهي ضمير جي جملي ۾ فاعل سان شريڪ ٿي جملي کي وڌيڪ صحت مند يعني (زوردار) بڻائن ٿا لفظن کي "ضمير مشترڪ" چئجي ٿو.

(مشترڪ معانيٰ شريڪ ٿيڻ)

مثال:- سپاهيءَ "خود" وچي "پاڻ" چور کي جهليو.

خود - پاڻ - پنهن وغيره ضمير مشترڪ آهن.

ضمير استفهام (Interrogative)

وصف:- آهي لفظ جيڪي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن ٿا لفظن کي "ضمير استفهام" چئجي. استفهام جي معانيٰ آهي. [سوال پڇڻ] ڪير - ڪهڙو - ڇا - ڪنهن وغيره ضمير استفهام آهي.

مثال:- "ڪهڙو" ڇوڪر ڪالهه ڪونه آيو ؟

ضمير مبهم (Indefinite Pronoun)

وصف:- اهڙا لفظ جي اسم جي بدران ڪم اچن مگر آهي گجها لڪل هجن ته اهڙن لفظن کي "ضمير مبهم" چئجي. مبهم لفظ جي معانيٰ آهي. (گجهو يا لڪل) ڪو - ڪجهه - ڪي - ڪير وغيره اهي لفظ "ضمير مبهم آهن.

مثال:- "ڪو" اچي ٿو. (٢) هن اندر "ڪجهه" ڏنو آهي.

صفت جا قسم

صفت خالص Positive degree

وصف:- "صفت خالص" اهو لفظ آهي ، جو اسم جو گڻ يا اوگڻ ڏيکاري. سٺو - خراب - مٺو - عادل - ظالم اهي لفظ صفت خالص آهن.

مثال:- "سٺو" ڇوڪر سڀ کي وڻي ٿو.

صفت تفضيل (Comparative)

وصف:- "صفت تفضيل" اهو لفظ آهي، جو اسم جي گڻ يا اوگڻ ۾ پيٽ يا وڌاءُ ڪري ڏيکاري.

سمجهو - وڏو - ننڍو - سنهو - ٿلهو وغيره صفت تفضيل آهي

مثال:- روشن خانوءَ کان وڌيڪ "سمجهو" ڇوڪر آهي

صفت مبالغو (Superlative)

وصف:- "صفت مبالغو" آهو لفظ آهي جو، ڪنهن اسم جي سڀني کان وڌيڪ تعريف هجي يا سڀني کان گهٽ بيان هجي.

مثال:- روشن سڀني ڇوڪرن کان **چالاڪ** ڇوڪر آهي.

چالاڪ:- لفظ صفت مبالغو آهي

صفت عددي (Numeral)

وصف:- " صفت عددي " آهو لفظ آهي يا اها صفت آهي جو عدد يا انداز ڏيکاري.

ڏهه، ويهه، ٽيهه، چاليهه، پنجاه وغيره صفت عددي آهي

مثال:- عبدالله "ڏهون" ڪلاس ۾ پڙهي ٿو.

صفت ضميري (Pronominal)

وصف:- "صفت ضميري" اهو لفظ آهي، جيڪو اصل ۾ ضمير هجي مگر اسم سان گڏ استعمال ٿي صفت جو ڪم ڏيکاري.

ايترو - اهڙو - ڪا - ڪيترو صفت ضميري آهن.

مثال:- تو جهڙو ماڻهو ۾ "اهڙو" ڪم ٿو ڪري!

صفت وصفي (Quality)

وصف:- " صفت وصفي " اهو لفظ آهي جو اسم جو قسم - قد ڳڻ ۽ اوڳڻ ٻڌائي.

سست - ڍڳهو - بندرو - ڪٺو - مٺو وغيره اهڙا لفظ صفت وصفي آهن.

مثال:- خانو سست ڇوڪر آهي (٢) مٺو انب وٺي اچ.

فعل جا قسم (Kinds of verb)

(١) "فعل لازمي" (Intransitive):- اهڙو فعل، جنهن جو واسطو صرف فاعل (ڪم ڪندڙ) سان هجي ۽ جملي جو مطلب پورو نه ڪري، تنهن کي فعل لازمي چئجي ٿو.

(مثال:- عبدالله اچي ٿو.) ڊوڙي ٿو - آيو - ويو آهي.

(٢) "فعل لازمي معروف" :- اهڙو فعل، جنهن جو ڪم ڪندڙ (فاعل) ظاهر ۽ چٽو هجي.

(مثال:- عبدالله آيو يا ويو) آيــو - ويــو - آهي وغيره
(معروف معاني ظاهر - چٽو)
(٣) "فعل لازمي مجهول":- اهڙو فعل، جنهنجي فاعل (ڪم ڪندڙ) جي خبر ڪانه پوي، ڪاٽبو، اچبو، وڃبو، هلبو ، وغيره.
(مثال:- ڪاٺو ڪاٽبو - اسڪول ڏانهن وڃبو وغيره)
(٤) " فعل متعدي " (Transitive) اهــڙو فعل، جنهن سان فاعل ۽ مفعول ٻئي شامل هجن ۽ جملي جو مطلب پورو نڪري ، ۽ خبر پوي ته فاعل جي ڪم جو اثر مفعول تي ٿيو. (مثال:- عبدالله ماني کائي ٿو- ڪتاب پڙهي ٿو - خط لکي ٿو وغيره
(٥) "فعل متعدي معروف" (Active voice) اهڙو فعل، جنهن جو فاعل ۽ مفعول واضح نموني سان ظاهر ظهور هجي ۽ جملي جو مطلب پورو نڪري.
(مثال:- عبد الله ڪتاب پڙهي ٿو.)
(٦) "فعل متعدي مجهول" Passive voice (مجهول معاني بي خبر) اهــڙو فعل، جنهن جو فــاعل لڪل هجي ۽ مفعول ان جي جاءِ ولاري.
(مثال:- چور ماريو ويو - ڪتاب پڙهيو ويو وغيره.
ماريو ويو - پڙهيو ويو - لکيو ويو - چيريو ويو وغيره.
(٧) "فعل متعدي بالواسطہ" اهڙو فيل، جو ڪو

ڪم ۾ٿي جي معرفت ڪرايل هجي تہ ان فعل کي "فعل متعدي باالواسطہ" چئبو آهي.

مثال:- عبدالله مزدور کان کوکو کٽايو.
کٽايو - پچرايو - ڦهرايو وغيره.

(٨) "**فعل معاون**" (Auxillary verb) معاون معنيٰ (مدد ڏيندڙ) اهڙو فعل اڪثر ڪري زمانن ناهڻ ۾ ڪتب ايندو آهي.

هن فعل جو "فعل لازميءَ" مان "هئڻ" "ڪرڻ" ٿيڻ جي معنيٰ نڪرڻ ڪري سندس وجود رهي ٿو.

(٩) "**فعل مرڪب**" (Compound verb) اهڙو فعل، جيڪو مصدر مان (ٺهيل فعل جون صورتون) شامل ڪرڻ سان ٺهي تنهن کي "فعل مرڪب" (Compound verb) چئبو آهي.

مصدر (Infinitive)

مصدر اهو لفظ آهي ، جنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻ" هجي جيئن تہ، "پڙهہ" مان "پڙهڻ" "لک" مان "لکڻ" وغيره کي **مصدر** چئبو آهي سنڌيءَ ۾ هر هڪ مصدر جو پويون اکر "ڻ" آهي.

امر (Imperative)

مصدر جي لفظ "ڻ" ڪڍڻ کان پوء ، فعل جي باقي صورت جيڪا بچي ٿي، تنهن کي "امر" چئبو آهي

جيئن ته: پڙهڻ "مصدر" مان "پڙهه" لکڻ مان "لک"
پڙهه - لک - اٿ - ويهه - ٻيڏ وغيره

اسم مشتق (Participle)

مشتق جو اشتقاق آهي "شق" جنهن جي معنيٰ آهي "چيرڻ" آهو لفظ جيڪو فعل مان جڙي ۽ اسم يا صفت تي ڪم اچي اهوئي سبب آهي جو هي ڳالهائڻ ۾ شامل نه آهي، هن جا هيٺيان "ٻه" قسم آهن.

اسم حاليه (Present Participle)

اهو لفظ، جيڪو فعل جي بنياد مان ٺهيل هجي ۽ اسم سان لاڳو ٿي ڏيکاري ته، ڪو شخص ڪو ڪم ڪندي ٿئي ڪم ڪي لڳو تنهن لفظ کي "اسم حاليو" چئجي ٿو.

جيئن ته :- آءٌ ميپاڙي حيدرآباد کان "ٿيندو" ڪراچيءَ ويندس ٿيندو لفظ **اسم حاليو** آهي.

اسم مفعول (Past Participle)

هي لفظ تنهن ڪم ايندو آهي، جڏهن فعل وارو ڪم پورو ٿيو هجي. ان کي "اسم مفعول" چئبو آهي.
جيئن ته :- عبدالله انعام **کٽيو** "کٽيو" لفظ اسم مفعول آهي، چوته کٽڻ جو ڪم پورو ٿي چڪو.

اسم استقبال (Future Participle)

اهڙو لفظ جو فعل جي بنياد مان جوڙيل هجي، ۽ جنهن مان خبر پوي ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، ته اهڙي لفظ کي "اسم استقبال" چئبو آهي.

جيئن ته عبدالله کي ڪراچيءَ "وڃڻو" آهي لفظ اسم استقبال آهي.

ماضي معطوفي

معطوفيءَ جو اشتقاق آهي "عطف" جنهن جي معنيٰ آهي ميلاپ يا ملائيندڙ ، اهڙو فعل ، جوڪو ٻن جملن کي ملائي ۽ فاعل مان ملي ڏيکاري ٿو، ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻئي ڪم کي لڳي ٿو.

جيئن ته:- عبدالله اچي ، ماني کائي ، ٻاهر ويو.
"اچي" "کائي" ماضي معطوفي آهن.

اسم فاعل (Noun of Agency)

"اسم فاعل" فعل مان ٺهي ٿو. ۽ جملي ۾ اسم يا صفت ٿي ڪم ايندو آهي.

جيئن ته :- ايندڙ کي ، اچڻو ٺي هو "ايندڙ" اسم فاعل آهي، ڇوته اسم ٿي ڪم آيو آهي.

ظرف جا قسم (Kinds of Adverb)

ظرف زمان - (Adverb of Time)

اهڙو لفظ، جيڪو وقت جي معنيٰ ڏيکاري ، ان کي "ظرف زمان" چئبو آهي.
مثال:- شاه محمد "سڀاڻي" لاڙڪاڻي پهچندو، "سڀاڻي" لفظ وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. جيئن ته:- اڄ - سڀاڻي هينئر - ڪالهه - سدائين - وغيره وقت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

ظرف مڪان

اهڙو لفظ، جيڪو ظرف يا (مڪان) جاءِ ڏيکاري، ان کي "ظرف مڪان" چئبو آهي.
مثال:- شاه محمد "مٿي" آهي ، مٿي لفظ جاءِ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. جيئن ته:- هيٺ - مٿي - اندر - ٻاهر اوري - پري - هيڏانهن - هوڏانهن وغيره.

ظرف تميز

اهڙو لفظ ، جيڪو ريت يا قدر ڏيکاري ، ان کي "ظرف تميز" چئبو آهي. آهستي آهستي - هرويرو - مس مس، جيئن تيئن، بالڪل - هيئن هونئن وغيره.
ظرف تميز آهن- (مثال شاه محمد "آهستي" پڙهي ٿو-

ترڪيب (Parsing)

ڪنهن لفظ بابت ٻڌائڻ ته گرامر ۾ ڪهڙو "ڳالهائڻ"

جو لفظ آهي، تنهن کي "ترڪيب" چئبو آهي، هر هڪ جملي ۾ جيڪي لفظ اچن ٿا، سي گرامر جي اٺن لفظن، (جيڪي مٿي سمجهائي آيا آهيون) انهن مان ڪنهن هڪ قسم جو هوندو

جنس (Gender)

"جنس" ٻن قسمن جي آهي- (١) "جنس مذڪر" (Masculine) (٢) "جنس مونث" (Feminine) قدرت ساه وارين شين کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪڙي حصي کي "جنس مذڪر" معنيٰ "نر" ۽ ٻئي حصي کي "جنس مونث" معنيٰ "مادي" چئجي ٿو.

قاعدو:- "جنس مذڪر" جنهن واحد اسم جي پڇاڙيءَ ۾ "او" يا (پيش) آهي، سو گهڻو ڪري جنس مذڪر آهي (جيئن ت:- گهوڙو - ڇوڪر وغيره

قاعدو:- "جنس مونث" جنهن واحد اسم جي پڇاڙيءَ ۾ "زير" آهي سو گهڻو ڪري "جنس مونث" آهي- جيئن ت:- گهوڙي - ڇوڪري وغيره، البت ڪي بي قاعده به مونث ٿيندا آهن (جيئن ت:- ماءُ - گئون وغيره)

عدد (Number)

"عدد" ٻن قسمن جو آهي- (١) عدد واحد

(Singular Number) (٢) عدد جمع (Plural Number)
”عدد واحد“ اهو لفظ آهي جو هڪ کان
متي نه هجي. (جيئن:- اڪبر ”هڪ“ اندو ڪاڏو)
”عدد جمع“ اهو لفظ آهي، جو هڪ کان متي هجي
(جيئن تہ:- روشن پنج انب کاڌا)

حالت فاعلي (Nominative Case)

اهڙو اسم يا ضمير، جنهن بابت فعل جي وسيلي ڪا ڳالهہ ڪجي تہ ان کي فاعل چئبو آهي ۽ سندس حالت ”فاعلي“ ٿيندي.

(مثال:- ”شاهہ محمد“ ويو - ”هو“ آيو) ”شاهہ محمد“ ۽ ”هو“ فاعل آهن تنهنڪري انهن جي حالت فاعلي ٿيندي.

حالت مفعولي (Accusative)

اهڙو اسم يا ضمير، جنهن تي فعل جي ڪم جو اثر ٿئي، تہ ان کي مفعول چئبو آهي ۽ سندس حالت ”مفعولي“ ٿيندي.

(مثال:- اڪبر ”مڇي“ ماري ٿو) هتي اڪبر فاعل ٿيو ۽ سندس مڇيءَ تي ڪم جو اثر ظاهر ٿئي ٿو، تنهن ڪري ”مڇي“ مفعول ٿيو ۽ مڇيءَ جي حالت ”مفعولي“ ٿيندي.

حالت جري (Objective Case)

اهڙي اسم يا ضمير جي پٺيان "حرف جر" اچي ۽ جملي ۾ ان جو ٻئي اسم سان واسطو ڏيکاري ته ان ان جي حالت جري ٿيندي.

(مثال:- (١) شاهن اڪبر "کان" هوشيار آهي (٢) ڪٻٽ "۾" ڪتاب آهي.)

"کان" "۾" حرف جر آهن تنهنڪري شاهن، اڪبر ۽ ڪٻٽ جي "حالت جري" ٿيندي.

حالت اضافت (Possessive Case)

اهڙي اسمن يا ضميرن، جن جي پٺيان حرف اضافت اچن، ته انهن جي "حالت اضافت" ٿيندي.

(مثال:- شاهن جو ڪتاب آهي.)

"جو" حرف اضافت ، تنهنڪري شاهن جي حالت اضافت ٿيندي.

حالت ندا (Vocative Case)

اهڙو اسم جنهڪو جملي ۾ خوشي - ڏک - عجب ۽ سڏ ڪرڻ جي ڪتب اچي ، ته ان کي "حالت ندا" چئجي. (مثال:- اڪبر هيڏانهن اچ) هن جملي ۾ اڪبر سـڏ ڪرڻ جي ڪم آيـو آهي ، تنهنڪري ان جي "حالت ندا" ٿيندي.

صيغو (Mood)

گرامر جي ٻوليءَ ۾، اهڙو فعل، جنهن جون جدا جدا فعلي صورتون ٿي سگهن ته ان کي صيغو Mood چئجي ٿو.

زمان (Tense)

زمان (Tense) جي معنيٰ آهي "وقت" جنهن مان پتو پوي ته فاعل ڪهڙي وقت ۾ ڪم ڪري ٿو يا ڪيو آهي يا ڪندو.

مکيه زمان ٽن قسمن جا آهن:- **(١) زمان حال** (Present Tense) **(٢) زمان ماضي** (Past Tense) **(٣) زمان مستقبل** (Future Tense) (مثال:- زمان‌حال مختيار لکي ٿو.) (مثال:- زمان ماضي مختيار لکيو.) (**مثال:-** زمان مستقبل مختيار لکندو.)

زمان حال جا قسم (Kinds of Pre ent Tense)

(١) زمان حال:- (Present Tense) اهڙو زمان جنهن مان خبر پوي ته فاعل هلندڙ وقت ۾ ڪم ڪري ٿو. (**مثال:-** عبدالله خط لکي ٿو) (حال معنيٰ هلندڙ وقت)

(٢) زمان حال استمراري (Present Continuous) اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل جو ڪم هلندڙ وقت ۾ جاري آهي، تہ ان زمان کي **زمان**

استمراري چئجي ٿو. (استمراري معنيٰ جاري)
(مثال:- عبدالله خط لکي ٿو پيو)
(٣) زمان حال مداميءَ:- (Present Halitual) اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل جو ڪم هلندڙ وقت ۾ هميشه جاري آهي.
(مثال:- عبدالله خط لکندو آهي.) مدامي معنيٰ هميشه يا دائمي)
(٤) زمان حال متشڪي (Present Dulitative) اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ، فاعل جو ڪم شڪي حالت ۾ ٿيندو آهي ته ان قسم جي زمان کي زمان متشڪي چئجي ٿو.
(مثال:-عبدالله خط لکندو هوندو) (متشڪي معنيٰ-شڪ)
(٥) زمان مضارع:- (Aorist) اهڙو زمان ، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل ڪم هلندڙ وقت ۾ ڪندو يا ايندڙ وقت ۾ ڪندو تہ ان قسم جي زمان کي زمان مضارع چئجي ٿو. (مثال:- عبدالله جيڪر خط لکي

زمان ماضيءَ جا قسم:- Kinds of Past Tense

(١) زمان ماضي مطلق:- (Past Tense) اهڙو زمان جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل پنهنجو ڪم بلڪل گذريل وقت ۾ ڪيو ، ته زمان کي زمان ماضي مطلق چئجي ٿو. (مثال:- عبدالله خط لکيو)

(٢) زمان ماضي استمراري:- (Past Continuous)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل گذريل وقت ۾ ڪم پئي ڪيو ۽ اهو جاري هيو ته اهڙي زمان کي ماضي استمراري چئجي ٿو.
(مثال:- عبدالله خط لکندو پئي.)

(٣) زمان ماضي مداهي (Past Halitual) اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل گذريل وقت ۾ پنهنجو ڪم هميشه جاري رکيو ته اهڙي زمان کي زمان ماضي مداهي چئجي ٿو.
(مثال:- عبدالله خط هميشه لکندو هو.)

(٤) زمان ماضي قريب:- (Past Perfect Tense)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل جو ڪم حال ۾ ٿورو وقت اڳ ئي چڪو آهي، اهڙي زمان کي کي زمان ماضي قريب چئجي ٿو.
(مثال:- عبدالله خط لکيو آهي.)

(٥) زمان ماضي بعيد:- (Past Perfect Tense)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري، ته فاعل گهڻو وقت اڳ ڪم ڪري چڪو آهي، تہ اهڙي زمان کي زمان ماضي بعيد چئجي ٿو.
مثال:- عبدالله خط لکيو هو.)

(٦) زمان ماضي شرطيہ:۔(Past Conditional Tense)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري، ته فاعل گذريل وقت ۾ ڪم ته ڪري ٿو پر شرط ظاهر ٿئي ته اهڙي زمان کي زمان ماضي شرطيہ چئجي ٿو.
مثال:۔ عبدالله خط لکي ها

(٧) زمان ماضي مُتشڪي (Past Perfect Tense)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري، ته فاعل گذريل وقت جو ڪم شڪي حالت ۾ ڪيو آهي. ته اهڙي زمان کي زمان ماضي متشڪي چئجي ٿو.
(مثال:۔ عبدالله خط لکيو هوندو.)

(٨) زمان ماضي معطوفي:۔ (Present Participle Tense)
اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل گذريل وقت ۾ هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻئي کي لڳو، ته اهڙي زمان کي زمان ماضي معطوفي چئجي ٿو. (مثال:۔ عبدالله خط لکي دوڪان تي ويو.)

زمان مستقبل جا قسم:۔ Kinds of Future Tense

(١) زمان مستقبل (Future Tense) اهڙو زمان، جنهن جو فعل ڏيکاري ته فاعل پنهنجو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ته اهڙي زمان کي زمان مستقبل چئجي ٿو
(مثال:۔ عبدالله خط لکندو.)

(٢) زمان مستقبل استمراري Future Continuous Tense اهڙو زمان ، جنهن جو فعل ڏيکاري ، ته فاعل اينده وقت ۾ ڪم پيو ڪندو ته، اهڙي زمان کي زمان مستقبل استمراري چئجي ٿو.

(مثال:- عبدالله خط لکندو پيو.)

تشبيهه:- "تشبيهه" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي (ڀيٽ - مشابهت) يعني ڪنهن شيءِ کي ٻيءَ شيءِ سان ڀيٽڻ (مثال:- (١) عبدالله جا اکر موتيءَ جهڙا آهن) (٢) شاهن شينهن جهڙو بهادر آهي) (عبدالله جي اکرن کي "موتي" سان ڀيٽ ڪيل آهي) ۽ ٻئي جملي ۾ شاهن جي بهادريءَ کي شينهن سان مشابهت ڏنل آهي، اهڙا لفظ جي ٻن شين کي ڀيٽڻ ۾ ڪم اچن، تن کي لفظ تشبيهه چئجي ٿو.

مثال:- وانگر ، جهڙو ، مثل وغيره "حرف تشبيهه" ٿي ڪم ايندا آهن.

استعارو:- هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معنيٰ آهي (اڌارو وٺڻ) علم بيان جي اصول مطابق ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ کي ڦيرائي ٻئي مطلب ۾ ڪم آڻڻ کي "استعارو" چئبو آهي. "استعاري" ۾ ڳجهي ڀيٽ ڪيل هوندي آهي ، ۽ تشبيهه ۾ ظاهر ۽

ڇئي ٻيٺ ڪيل هوندي آهي. (مثال:- (١) حقيقي لفظ ڪانسواءِ جملا. عبدالله جا اکر موتي آهن(٢)شاهن شينهن آهي.)
ڪنايہ:- هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لفظي معانيٰ آهي "اشارو" علم بيان جي اصول مطابق ڪا ڳالھہ "اشاري" ۾ ڳالهائڻ يا بيان ڪرڻ کي "ڪنايہ" چئبو آهي- (**مثال:-** گوڏو ٻڌي ويهڻ معانيٰ اٿس دير سان اٿڻ مطلب تہ اهو لفظ ، جنهن جي ظاهر ۾ هڪڙي معانيٰ هجي ۽ حقيقي ٻي معانيٰ اشاري طور ڪم آڻڻ کي ڪنايہ چئجي ٿو.

"**مجاز مرسل**" هي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن ، جن جي معانيٰ آهي "حقيقت جي ابتڙ" ٻيو رستو اختيار ڪرڻ - **مثال:-** رات جو چور چوري ڪرڻ تي "سڄو گهر اٿي ڪڙو ٿيو" حالانڪ گهر هڪ بي جان شيءِ آهي ليڪن هن ليڪ ڏنل لفظن جي جملي جي اصلي معانيٰ اها ٿيندي تہ تہ "گهر جا ڀاتي سجاڳ ٿيا"

"**علم بديع**" هي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن هن مان "بديع لفظ جي معانيٰ (سهڻو يا عجيب) مقصد تہ ڪلام کي معانيٰ توڙي خوبصورتي جي لحاظ کان ڪاريگريءَ کان ڪم وٺي پيش ڪرڻ کي **علم بديع** چئبو آهي.
"**صنعت**" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي

معاني آهي (هنر يا ڪاريگري) اهڙو ڪلام، جيڪو ڪاريگري ۽ هنر ساز پيش ڪيل هجي، جنهن جي تحرير ۾ سونهن ۽ رواني هجي ته ان کي صنعت چئبو آهي.

"تجنيس حرفي" هي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جن جي معاني آهي (هڪجهڙا حرف يا اکر) يعني ڪنهن به جملي يا شعر ۾ هم آواز لفظ ڪم آيل هجن ته ان کي چئجي ته "تجنيس حرفي" جو استعمال ٿيل آهي (مثال طور شاه جي بيت جي هڪ سٽ)

والي واحد وحده، رازق رب رحيم

"تجنيس تام" اهڙي ڪلام يا لفظن جو قسم، جو جملي يا شعر جي مصرع ۾ ٻه يا ان کان وڌيڪ لفظ استعمال ٿيل هجن اهي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، پر معاني ۽ مطلب ۾ جدا جدا هجن ته ان کي چئجي "تجنيس تام" جو استعمال ٿيل آهي.

(مثال طور:- مرهي ساجن ڪاڻ، تا ڪائون ڪيون ڪن جون)

"علم عروض" "علم عروض" مطابق هي علم، اڪثر ڪري شعر ناهڻ جو، هڪ علم آهي "علم عروض" جي معاني آهي (چاڻ پروڙ) هي علم بحر ۽ وزن جي قانونن ۽ قاعدن تي ٻڌل هوندو آهي.

هي علم عربن جو ايجاد ڪيل آهي هن علم جا بنيادي اٺ رڪن آهن جي هي آهن (فعولن ، فاعلن، مفاعيلن ، مفعولات ، فاعلاتن ، مستفعلن ، متفاعلن ، مفاعلتن) هنن ئي بنيادي رڪنن تي شعر جي عمارت ٺهي ٿي.

”بحر“ هي لفظ عربي آهي ، جنهن جي معانيٰ آهي (سمنڊ) هن علم ارڪانن مان شعر جا بحر ٺهن ٿا جي هي تور جا ماپا آهن جن جي ذريعي شعر جو وزن پورو ڪري ٻهارجي ٿو.

هيءَ شعر ٻن مصرعن جو ٺهندو آهي ، جيڪڏهن بيت جي ٻنهي مصرعن (سٽن) ۾ ”چار رڪن“ اچن ته ان کي (بحر مربع) چون ۽ جيڪڏهن ”ڇهه“ رڪن اچن ته ان کي (بحر مسدس) چون ۽ جيڪڏهن ”اٺ“ رڪن اچن ته ان کي (بحر مثمن) چون ٿا.

جيڪڏهن سيئي ارڪان صحيح هجن ، ۽ انهن ۾ ڦير ڦار نه هجي يعاني آهي اصلي صورت ۾ موجود هجن ته ان کي (بحر سالم) چون ٿا.

”قافيو“ هي عربي لفظ آهي ، جنهن جي معانيٰ آهي (پٺيان هلڻ) يعاني آهو لفظ جو شعر ۾ ”سٽ“ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي، مطلب ته ”قافيه“ واري لفظ جو

آواز ساڳيو هوندو آهي ۽ ٻر سندس اُچار جداجدا هوندو آهي. مثال طور:- ٻه ستون پيش ڪجن ٿا.

ڪرڻ جيڪي گهرين، سو وٺ ڪري اڄ
سڀاڻي جي تون نـالي ڪان پـري پڄ (قليچ)

"رديف" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معانيٰ آهي (پٺو يا سواريءَ تي پٺيان سوار ٿيڻ) مطلب ته اهو لفظ يا الفاظ (گهڻا لفظ) شعر ۾ ڪافيه سان گڏ پٺيان ڪم آيل هجن.

مثال طور:- ٻه ستون پيش ڪجن ٿيون.

رک يتيمن جي مٿي تي، پنهنجو تون هربار هٿ
ڪيئن هٿن هوندي رهين بيڪار؟ ڪو ويچار ڪر
"مسافر"

"هر بار" "ويچار" قافيو آهن ۽ "هٿ" "ڪر" رديف آهي جي قافيه جي پٺيان ڪم آيا آهن.

"تقطيع" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لفظي معاني آهي (ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ) اصطلاحي معانيٰ مطابق شعر جي مصرعن ۾ لفظن کي ارڪان جي تارازيءَ ۾ تورڻ خبر لهڻ ته شعر تور جي ڪهڙي وزن ۾ ٻيٺو آيا اهو صحيح وزن تي ٻيٺو آهي يـا نه اهڙيءَ طرح اسان کي "تقطيع" ڪرڻ سان صحيح معلوم ٿيندو.

"چيڊ" هي سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معانيٰ آهي (ڇيڻ، ڌار ڌار ڪرڻ) جملي کي ڇيجي جدا جدا ڪرڻ کي "ڇيد" چئبو آهي.

جملي کي ، ٻن حصن ۾ وراهيو ويندو آهي - هڪ حصي کي "مبتدا" معانيٰ (شـروعات) ۽ ٻئي حصي کي "خبر" چئجي ٿو.

"مبتدا" يا فاعل جا ٻه حصا ڪيا آهن هڪ (١) اسم (٢) اسم جو لڳ)

"خبر" جا چار حصا ڪيا آهن (١) مفعول (٢) مفعول جو لڳ) (٣) فعل) (٤) فعل جو لڳ) "خبر" معانيٰ جنهن بابت ڳالهه ٻڌائي وڃي.

شعر جا قسم Kinds of Poem

(١) "حمد" ڇا آهي؟ "حمد" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معانيٰ آهي (تعريف - ثنا وغيره) "حمد" انهيءَ نظم کي چئجي ٿو، جنهن ۾ صرف الله پاڪ جي ثنا ۽ تعريف پيش ڪئي ويندي آهي.

هيءَ صنف خاص وحده لا شريڪ له، بـادشاهن جي بادشاه ۽ پـوري ڪائنات جي مالڪ ۽ خالق، جيڪو دائم ۽ قائم آهي، ان جي تعريف ۽ شان مخصوص آهي.

هن صنف ۾ ٻئي ڪنهن کي ، ٻه شريڪ يا شامل

ڪري ٿو سگهجي.

مثال طور: شاه صاحب جو تفريحي بيت هيٺ پيش ڪجي ٿو.

اول الله ، اعليٰ عالم ، جو ڌڻي
قادر پنهنجي، قدرت سين قائم آهي قديم
والي واحد وحده، رازق رب رحيم
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي

(٢) "نعت" ڇا آهي "نعت" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معانيٰ آهي (صفت ـ تعريف) "نعت" انهيءَ "شعر" کي چئجي ٿو ، جنهن ۾ صرف الله پاڪ جي پياري نبي، رحمت العالمين جي شان اقدس ۾ صفت ۽ تعريف ڪئي ويندي آهي ، هيءَ صنف خاص معراج جي صاحب رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ ڳائي ويندي آهي ۽ هن صنف ۾ ٻئي ڪنهن جو ذڪر نه هوندو آهي. مثال طور نعت جا ٻه مصرع پيش ڪجن ٿا.

رحمت رحمت طلبي آيو ، عربي امت ڪارڻ
مرده مرده جسم جيارڻ ، آيو دليون اجارڻ

(٣) "قصيدو" ڇا آهي ؟ "قصيدو" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معانيٰ آهي (نيت يا ارادو ڪرڻ) هن نظم ۾ ٻهرين بيت جون چند سٽون پاڻ ۾ هم قافيه

هونديون آهن ۽ ٻين بيتن جي فقط پوئين سٽ هم قافيو هوندي آهي. عام قصيدي مان مراد" مدح" هوندي آهي.

"قصيدو" اڪثر ڪري زنده ، بلند اخلاق، عظيم انسانن ۽ وقت جي حاڪمن جي شان ۾ چيو ويندو آهي.

"مثنوي" ڇا آهي؟ "مثنوي" هي عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي (ٻٽو يا جوڙو) اهو نظم ، جنهن جو هر بيت ٻن مصرن سان ٺهندو آهي هن صنف ۾ بيتن جو تعداد مقرر ڪونهي هن ذريعي ڪيڏو به وڏو ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

مثنوي جو ڪتاب "مثنوي محمدي" جي نالي سان مشهور آهي.

هن بيت جون ٻه مصرعون پاڻ ۾ هم وزن يا هم قافيو هونديون آهن.

هن ۾ تاريخي واقعا فلسفي ۽ تصوف جا نڪتا ، حسن ۽ عشق جا داستان ۽ ٻيا به اهڙي قسم جا مضمون وغيره چيا ويندا آهن.

مثال طور:- چند سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

نبين جو اڄ آيو آهي امام
تولد ٿيو خاص خيرالانام

يتيمن جو غمخوار پيدا ٿيو
ضعيفن جـو آڌار پيـدا ٿيو

(٥) "رباعي" چاڪي چئجي ٿو؟ "رباعي" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو "ربع" مان نڪتو آهي، جنهن جي معانيٰ آهي "چار" يعاني اهو نظم جيڪو "چئن مصرن" تي مشتمل هجي هن جو پهريون مصرع ٻيو ۽ چوٿون هم قافيو ٿيندو آهي ٽئين مصرع جي قافيہ جو هجڻ ضروري نہ آهي مگر چوٿون مصرع مقصد وارو هجڻ گهرجي، جنهن ۾ مضمون جو نچوڙ ظاهر ٿئي.
مثال طور:- جناب ڊاڪٽر خليل صاحب جن جي رباعي پيش ڪجي ٿي.

چا سوچي هن دارِ فنا ۾ آئين
آفت ۾ پئين دام بلا ۾ آئين.
هن طرح عدم کان آئين دنيا ۾ "خليل"
چڻ تون ڪنهن ڪاروان سرا ۾ آئين

(٦) "غزل" چاڪي چئجي ٿو؟ هي عربيءَ ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معانيٰ آهي (عورتن سان گفتگو ڪرڻ) يا (حسينن سان ڳالهيون ڪرڻ) اهوئي سبب آهي جو هن "غزل" ۾ گهڻو ڪري، "عشق ۽ محبت" "وصال ۽ فراق" جو ذڪر هوندو آهي.

"غزل" جو هر هڪ بيت ٻن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجو مڪمل خيال پيش ڪندو آهي ۽ عام طور مضمون جي لحاظ کان هڪ بيت جو تعلق ٻئي بيت سان نه هوندو آهي.

غزل جي پهرين بيت کي "مطلع" ۽ پوئين بيت کي "مقطع" چوندا آهن.

"غزل" ۾ "مطلع" جون پهريون ٻئي سٽون پاڻ ۾ "هم قافيه" هونديون آهن باقي هر بيت جي ٻي سٽ ساڳئي "قافيه" ۾ هوندي آهي.

مثال طور:- غزل جون چند سٽون هيٺ نموني طور پيش ڪجن ٿيون.

ڏرن پڇين ٿو، ته زندگي ڇاهي،
مان پڇان ٿو، ته بيوسي ڇاهي،
ڪجهه رموز حيات جا اسرار،
تو نه سمجهيو قلندري ڇاهي،

شيخ عبدالرزاق "راز"

(٧) "مرثيه" ڇا کي چئجي ٿو؟ "مرثيه" هن جي صنف اڪثر ڪري "قصيدي" سان واسطو رکي ٿي، فرق اهو آهي، ته قصيدو زنده ماڻهن جي شان ۽ تعريف ۾ چيو ويندو آهي ۽ "مرثيو" وفات ڪيل انسان ذات

جي واقعن متعلق چيو ويندو آهي، جنهن ۾ عزيز، قريب، دوست ، حاڪم ۽ سردار وغيره اچي وڃن ٿا.

خاص طور "مرثيه" اهو آهي جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن يعني "شهداءِ ڪرب و بلا" ۽ شهيد اعظم، حضرت امام حسين عليه السلام جن جي شان ۽ واقعن متعلق وار ڪاڻ ڪارائيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ انداز ۾ واقعات چيا يا پڙهيا ويندا آهن، جن جي ٻڌڻ سان اکين مان بي اختيار آب برسات وانگر جاري ٿي ويندو آهي ۽ ياد تازي ٿي ويندي آهي.

مثال طور:- "مرثيه" جون چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

پاڪ تن، جنهن تي نبيءَ، بوسا ڏنا ٿي باربار،
تنهن مٿان ، ظالم وسايا ، تير هر هر ياحسين!
دشمنن تي، تير اڇليا ، ۽ پڙهي ٿي تو نماز ،
واه! هو تنهنجي عبادت جو ته منظر يا حسين

شيخ "نياز"

(٨) "قطعو" ڇا کي چئجي ٿو ؟ "قطعو" هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معني آهي "ٽڪرو" يعني اهو نظم جو ٽڪرو جيڪو ، مطلب جي لحاظ کان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجي ۽ هن ۾ "قافيه" هر بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ هوندو آهي.

"قطع" ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه بيت ٿين ٿا ۽ وڌ ۾ وڌ حد جي پابندي ڪانهي.

محبت ۾ ستم سهڻا پون ٿا،
پيالا زهر جا پيڻا پــون ٿا.
وفا ۾ ساهه سر ڏي ناهه ڏسبو،
هتي هر شيء تان هٿ ڌوئڻا پون ٿا.

"مشتاق"

"ڏوهيڙو" ڇا کي چئبو آهي؟ "ڏوهيڙو" هيءَ صنف قديم شعر مان هڪ آهي وائي، ڪافي، ڏوهيڙا بيت ۽ سلوڪ قــديم سنڌي شعر تــي مشتمل آهن. هــن جـا شروعاتي اسباب ڪاهوڙن جي دور حڪومت کان ملڻ شروع ٿيڻ ٿا.

مذڪوره شعرن جي جديد دور يعاني هن وقت ۾ طبع آزمائي ٿيندي رهي ٿي ، جوڪي عوام ۾ ڪافي مقبول آهن "ڏوهيڙي" ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه سٽون ٿينديون آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڪوبه قيد ڪونهي ، هن ۾ "قافيه" ٻنهي سٽن جي پڇاڙي ۾ ايندو آ هي.

مثال طور:. هيٺ نمونو ڏجي ٿو.

جوڳي جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
ٿهاں پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري،
(قاضي فاضل)

(١٠) "ڏيڍ" ڇاکي چئجي ٿو؟ "بيت" هيءَ صنف پڻ ڏوهيڙي سان مطابقت رکي ٿي، "بيت" سنڌي زبان جي "ڏوهيڙي" مان وڌيو ۽ ويجهيو، هن صنف جو بڻ اهوئي اصول آهي، ته هن شعر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه سٽون ٿينديون آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڪيتريون به آڻي سگهجن ٿيون.

سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي رسالي ۾ بيتن جي سٽاءَ ۾ گهڻي تبديلي آندي آهي.

هن پنهنجي بيتن ۾ ڏن ڪان پنجن سٽن تائين بلڪ ان کان به وڌيڪ سٽن کي شامل ڪيو آهي.

مثال طور:- بيت متعلق نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

هو چوني ٿون م چو، واتون ورائي
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي

(١١) "سلوڪ" ڇاکي چئجي ٿو؟ "سلوڪ" هي سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي (جمع ڪرڻ) يعني اهو "گيت" جيڪو چئن سٽن تي مشتمل هجي ۽ آهي سٽون پاڻ ۾ هم وزن هجن.

هن صنف تي هڪ مشهور ڪتاب آهي، جنهن جو نالو آهي "ساميءَ جا سلوڪ" "سامي" صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪي سلوڪ چيا آهن، اهي ٻوليءَ جي لحاظ کان نه صرف سنڌي، سنسڪرت ۽ هندي آهن بلڪ

منجهنس عربي ۽ فارسي زبان جا الفاظ پڻ ڪافي انداز ۾ موجود آهن۔

فني لحاظ کان سندس ”سلوڪن“ ۾ تشبيهن ، استعارا ۽ صنعتن نهايت دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيا آهن۔ سندس سلوڪن مان هڪ سلوڪ نموني طور پيش ڪجي ٿو

چريا سي چئجن، جي پاڻ سڃاڻن ڪين ڪي،
ڳالهيون ويندا جون پڌي، مرم نه رکن من،
پنهنجي ڳچيءَ پائهي، جوڙي سيل وجهن،
ساني ڪين ڏسن، جهاتي پائي گهر ۾

(۱۲) ”وائي“ ڇاکي چئجي ٿو ؟ ”وائي“ هي فني لحاظ کان هن جو وزن ڏوهيڙي کان وڌيڪ اينگهه وارو ۽ لچڪيدار هوندو آهي۔

”وائي“ عورت ذات جي زبان سان ڳائي ويندي آهي ، جنهن ۾ شاعر سندس دل جي حال جو اظهار سمائيندو آهي۔

”وائيءَ“ جي هر هڪ سٽ جدا جدا ٿيندي آهي۔ منجهس قافيو هر مصرع جي پوپان ٿيندو آهي۔ هنجي پهرين سٽ کي ”ٿل“ چيو ويندو آهي۔

شاه ڀٽائيءَ جي وائي نموني طور پيش ڪجي ٿي۔

(ٿل) آئي مند ملهار ، آءُ کهنيا ڪنديس ڪپڙا
وسڻ جا ويس ڪيا، اڄ منهنجي يار .... آئي مندملار

(١٣) **"ڪافي"** چاڪي چئجي ٿو؟ فن جي لحـــاظ
کان "ڪافي" پڻ قديم شعر سان هڪ آهي، در حقيقت،
جنهن کي ڪافي چئجي ٿو • سا وائيءَ جو هڪ ترقي
يافته نمونو آهي •

در اصل وائي ۽ ڪافي، هڪ جسم جا ٻه بـــازو
آهن بناوت جي لحاظ کان ، ڪافيءَ جو هر هڪ بند ،
هڪ ، ڏيڍ ، ٻه اداڻي ٿي يا ان کـان وڌيڪ مصرعن
جو ٿيندو آهي • ۽ آخـــري سٽ تـل سان هم قافيه
ٿيندي آهي • ڳائڻ جي لحاظ کان "ڪافيءَ" ۾ هـن
وقت جيڪي "ساز" استعمال ٿين ٿا، تن ۾ - هارمونيم،
يڪتارو ، گهاگهر قابلِ ذڪر آهن •

(١٤) **"ڪافي"** مخدوم طالب المولي جـو ڪتـــاب
"ڇپر ۾ ڇريون" جي ناليءَ سان مشهور آهي • ڪافيءَ
جو مثال طور - هيٺ نمونو پيش ڪجي ٿو •

پاڻهين پارون يار ، قاصد موڪلي آيـو •
اچڻ سندي ان جي ، ڇڏي ويا آزار ،
ٿورو ڪيڏو تن لايو •

"سچل سرمست

(١٥) **"فصاحت"** هيءَ عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي •
جنهن کي "فصيح" چئجي ٿو • جنهن جي معانيٰ آهي
(خوش اسلوب ، با رس وارو ڪلام)

هن جي ذريعي شعر ۾ رس پريل ۽ وڻندڙ الفاظ استعمال ٿيل هوندا آهن ، جنهن جي پڙهڻ سان ڪلام مان فصاحت معلوم ٿيندي آهي .

(١٥) " بلاغت " هيءَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن کي " بليغ " چئجي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي. (مڪمل – پورو)

" بلاغت " شعر جي اها خوبي آهي ، جنهن جي ذريعي وقت جي لحاظ کان موزون ۽ مناسب الفاظ استعمال ٿيل هجن . هن ذريعي " شعر " ۾ اهڙي خوبي سمايل هوندي آهي ، جو پڙهندڙ جو هڪدم خيال ان طرف ڇڪجي ويندو آهي

(١٦) " سلاست " هيءَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي . جنهن معنيٰ آهي (آسان يا سليس) يعني اهو ڪلام جيڪو ، تشبيهن جي ذريعي استعمال ٿيل هجي ، جنهن جي پڙهڻ سان عام ۽ خاص ماڻهون لطف اندوز ٿي سگهن .

(١٧) " تخيل " هيءَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي معنيٰ آهي. (خيال يا ويچار) " تخيل " شعر جي اها خوبي آهي، جنهن جي قوت سان شاعر پنهنجي خيال ۾ ڪائنات جي عجيب و غريب شين کي تصور ۾ آڻي ٿو ۽ ان جي حقيقتن کي بيان ڪري ٿو جنهن کي " تخيل " چئجي ٿو .

اصطلاح

Idimos

”اصطلاح“ اسان جي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾، ڪي اهڙيون چوڻيون يا جملا استعمال ڪيا ويندا آهن. جن جي ظاهري معانيٰ هڪڙي هوندي آهي ۽ اندروني معانيٰ ٻي ورتي ويندي آهي. اهي اصطلاحون، اسان جي سگهڙن، سياڻن ۽ درويشن دنيا جي تجربن، واقعن ۽ فطرتي نظارن مان حقيقتون هٿ ڪري زبان سان چيون آهن جيڪي بلڪل سچ آهن. ٻيءَ صورت ۾، مصدر سان شامل لفظن جو جملو، جيڪو محاوري طور ڳالهايو وڃي ٿو، ان کي اصطلاح چئبو آهي.

هيٺ نموني طور مروج ”اصطلاحون“ معانيٰ ۽ جملي سميت پيش ڪجن ٿيون. خاص طور شاگرد طبقو امتحان ۾ هنن مان وڏو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو.

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
١-	آڏو اچڻ	ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ [تون جتي ڪٿي پيو "آڏو اچين."
٢-	آرسيءَ ۾ منهن وجهڻ	اندر ۾ نهارڻ: [ٻهريائين پنهنجي "آرسيءَ ۾ منهن وجهه" پوءِ ٻين جا عيب ڪڍ.
٣-	آڏو ڦرڻ	خلاف وڃڻ: [جيڪڏهن پٽ پيءُ جي شاگرد استاد جي مريد مرشدجي "آڏوڦرندا" ته هو ڪامياب نه ٿيندا.
٤-	آدر ڀاءُ ڪرڻ	قرب ڏيڻ - عزت ڏيڻ، [جڏهن دوستن وٽ ويس ته هنن مون کي ڏاڍو " آدر ڀاءُ " ڪيو
٥-	آنڌي ٻيڙي تي هجڻ	غريب ۽ مسڪين هجڻ: [احمد ويچارو " آنڌي نيڙي تي آهي" يعني هن وٽ ايترو پيسو ڪونهي جو ڪجهه وٺي سگهي.

نمبر	اصطلاح	معنيٰ ۽ سمجھاڻي
٦-	اپ ڦاڙڻ	اقبال رڳو پيو "اپ ڦاڙي" يعني چوي ٿو تہ مان سڄي دنيا جو سير ڪيو اٿم"
٧-	اک ڏيکارڻ	سختيءَ سان هلڻ: [پيءُ پٽ کي جڏهن " اک ڏيکاري " تڏهن هن ڪم ڪيو.
٨-	اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ	تمام جلد - بنا دير: [سپاڻي اهو ڪم "اک ڇنڀ ۾ ٿيندو."
٩-	اٽ هڻي ويهڻ	اجايو ضد ڪرڻ: [سليم جو ڪم نہ ٿيو پيو هيو پر زالف اٽ هڻي ويهي رهيو.
١٠-	اکيون ٺڏيون ٿيڻ	خوش ٿيڻ: [شاه محمد جيڪڏهن ڪامياب ٿيو، تہ سنهنجون اکيون ٺڏيون ٿينديون
١١-	اکيون ٻرڻ	غصي ۾ اچڻ: [انور کي جڏهن غصو ايندو آهي تہ سندس اکيون ٻرنديون اٿس.
١٢-	اک کي ڇوڏو پڏڻ	اميد لاهڻ: [لعل بخش ۾ ڪنهن بہ ڪم جي اميد رکڻ

نمبر	اصطلاح	معنائي ۽ جملي ۾ استعمال
۱۳-	اکيون وڃي ويهڻ	اکيون خراب ڪرڻ؛ [سومر اکين جي پرهيز نه ڪرڻ ڪري هينئر "اکيون وڃي ويٺو" آهي.
۱۴-	اکين تي پڙدو چڙهڻ	غرور ۽ تڪبر ۾ پوڻ [سليم کي گهڻي دولت هٿ اچڻ سبب "اکين تي پردو چڙهي" ويو آهي، جو هو هن وقت ڪنهن کي مڃائي به ڪونه ٿو.
۱۵-	اکين آڏو اونده اچڻ	ضعيف العمر ٿيڻ؛ [هاشم جي وڏيءَ عمر سبب ڪيس "اکين آڏو اونده اچيس" ٿي.
۱۶-	اٽي ۾ لوڻ هڻڻ	بلڪل گهٽ هڻڻ؛ [منافو ايترو جائز آهي جيترو "اٽي ۾ لوڻ هڻڻ"
۱۷-	ابتا پير ڪرڻ	ڀڄي هلڻ؛ [سومر پاڻ کان ڏار ٿيڻ کان پوءِ اهڙا "ابتا پير ڪيا" جو آبل ملڪيت دق ڪري ڀي رهيو

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
۱۸-	اکن کان انڌب گهرڻ	نا اميد ٿيڻ: [ڪنهن ڪنجوس ماڻهوءَ کان اڌارو طور پئسو وٺڻ اڻين آهي جئين " اکن کان انڌب گهرڻ"
۱۹-	اڳرائي ڪرڻ	وڌائي يا زيادتي ڪرڻ: [هو چوني تون ۾ چو واتون ورائي اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي.
۲۰-	اس ۾ وار اڇا ٿيڻ	دنيا ۾ اجايو وقت وڃائڻ: افسوس جو زندگيءَ جي مقصد کان هتي اجايو پيو اس ۾ وار اڇا ڪرين.
۲۱-	اٿو مٿو نه هجڻ	بي انتها: [الله پاڪ جون انسان ذات کي ايتريون ته نعمتون ڏنل آهن. جن جو " اٿو مٿو ڪونهي "
۲۲-	اک لڳڻ	آرام يا ننڊ اچڻ: [شاهن کي اوجاڳي سبب سمهڻ سان ئي "اک لڳي ويس"

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
٢٣-	اک پوڻ	رحلت ڪرڻ : "ڪل نفس زائڪتهالموت" هر انسان جي موت سبب "اک پوندي."
٢٤-	اوڀاريون لهواريون چوڻ	ٻٽاڪون هڻڻ : [جڏهن شام جو ڪچهري لڳي ٿي، ته ان ۾ خوب "اوڀاريون لهواريون" پيون ٿين.
٢٥-	اڌما ڪائڻ	جوش ۾ ڪاوڙ ۾اچڻ [ڳلهه ڪي، جنهن مهل جوش ايندو آهي، تنهن مهل "ڏاڍا اڌما ڪائيندو" آهي، ليڪن وس نه هلندو اٿس
٢٦-	اڇا ڪارا پڌرا ٿيڻ	حق سچ ظاهر ٿيڻ: جيڪڏهن شام جو آيو نه پاڻهي "اڇا ڪارا پڌرا ٿيندا"
٢٧-	ٻاهه لڳڻ	مهانگيپ ٿيڻ: اڄ ڪلهه هر شيء کي ٻاهه لڳي ويئي آهي.
٢٨-	ٻاهه ٿي وڃڻ	تمام گهڻي ڪاوڙ : [شيرل توريءَ ڳالهه تي ٿيو "ٻاهه ٿي ويو."

نمبر	اصطلاح	معنائن ۽ جملي ۾ استعمال
٢٩-	بخت ورڻ	خوشحال ٿيڻ [سومر کي پٽ ڄمڻ سبب سندس "بخت وريو" آهي.
٣٠-	باغ جي موري هجڻ	ڪمزور هجڻ [تون آهين ڪير يا تون ڪهڙي " باغ جي موري" ٿيندو آهين.
٣١-	ٻم ٻڌڻ	دوکو ڪرڻ [ادا واه هيئنر ٿي "ٻم ٻڌڻ" شروع ڪيا اٿئي
٣٢-	ٻه ٻه ويون ڇهه ٻه ويون	برباد ٿي وڃڻ [سايم کي اوچتي نقصان سبب سندس "ٻه ٻه ويون ڇهه ٻه ويون."
٣٣-	ٻوڙو پارڻ	همت ڪرڻ سمجهه پرين ڪم ڪرڻ [مظفر وڏي پاڻ جي مرڻ کان پوءِ سڄو " ٻوڙو پاريو " آهي.
٣٤-	ٻاڦ ٻاهر ڪيڻ	اندر جو راز ڪيڻ [وفادار دوست ، پنهنجي دوست جي ڪڏهن به " ٻاڦ ٻاهر نه ڪيندو" آهي.

نمبر	اصطلاح	معنيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
٣٥	ٻڪ وجهڻ	سوگهو ڪرڻ: [ڀاڳئي چور کي اهڙو "ٻڪ وڌو" جو چور ڀڄڻ کان قاصر ٿي پيو.
٣٦	ٻيڙي ٻوڙڻ	برباد ڪرڻ: [گازار ڪم بدران "ٻيڙي ٻوڙي" ڇڏي.
٣٧	ٻرن ۾ هٿ وجهڻ	خوفناڪ ڪم ڪرڻ : [ادا زندگيءَ تان آسرو لاهي پوءِ وڃي "ٻرن ۾ هٿ وجهه"
٣٨	ٻانهن ٻيلي ٿيڻ	مددگار ٿيڻ: [اڄ ڪو ڪنهن جو " ٻانهه ٻيلي " ڪونهي.
٣٩	ٻه گهر پارڻ	ٻن ڌرين ۾ جهيڙو وجهڻ: [رمضان جو ڪم ئي آهي "ٻه گهر پارڻ"
٤٠	ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍڻ	ماٺ ڪرڻ : [نورل مسلح ڌاڙيل ڏسي " ٻڙڪ ئي ٻاهر نه ڪڍي "
	ٻڏي مرڻ	شرم اچڻ : [سليم ! پنهنجي والدين جي بي ادبي ڪرڻ کان " ٻڏي مرڻ بهتر اٿئي"

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
۴۲	ٻڪر ٻوسات ڪرڻ	زوري يا زبردستي ڪرڻ : قلندر جي ميلي تي گاڏيءَ ۾ "ٻڪر ٻوسات" لڳي پئي هئي
۴۳	ٻج ٻوڪڻ	بنياد وجهڻ: [هر انسان کي نيڪي ۽ اخلاق جو " ٻج ٻوڪڻ " گهرجي.
۴۴	ٻوٿ ٻڌي ويهڻ	چپ ڪري ويهڻ : [حاڪم تـوري ٿي ڳالهه تي "ٻوٿ ٻڌي ويهي " رهي ٿو.
۴۵	ٻـڏڻ تـرڻ	گھٻرائڻ ڪرڻ: [ڪنهن به ڪم جو پڪو ارادو ڪرڻ کان پوءِ " ٻـڏڻ تـرڻ " نه گهرجي. بلڪ اهو ڪم الله تعاليٰ جي سپرد ڪـرڻ گهرجي.
۴۶	پير تي ڏونڪو هڻڻ	پڙهو ڏيڻ: [نو واري ڳالهه جي خبر سڄي شهر ۾ "پير تي ڏونڪي" جيان پکڙجي وئي

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
۴۷.	پيٽ پرڻ	مفاد پرست ٿيڻ : [راشي آفيسرن کي صرف پنهنجي "پيٽ پرڻ" جو اونو هوندو آهي
۴۸.	پڳيءَ پر ويهڻ	موت کي ويجهو ٿيڻ [عمر رسيدو ۽ ضعيف انسان "پڳي پر" ويٺو هوندو آهي.
۴۹.	تاڙيون وڄائڻ	خوشيون ڪرڻ [سليمان، رشيد جي شاديءَ تي ڏاڍيون تاڙيون وڄايون"
۵۰.	تبليغ ڪرڻ	نصيحت ڪرڻ: [اصحاب سڳورا، اسلام جي پرچار لاءِ پري پري "تبليغ ڪرڻ" ويندا هئا.
۵۱.	ٽريون مهٽڻ	ڏک ڪرڻ: [عمر کي پنهنجي غلطيءَ سبب ڪيس "ٽريون مهٽيون پيون.
۵۲.	ترىءَ بهشت ڪرڻ	جلد ڪم جي اميد رکڻ : [اُبهرا ماڻهو ڪوبه ڪم، "ترىءَ تي بهشت" مثل

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
		چاهيندا آهن.
٥٣.	ڏنڌو سرهو ڪرڻ	عزت قائم ڪرڻ: [صالح اولاد پنهنجي پيءُ جو "ڏنڌو سرهو ڪرڻ" چاهيندي آهي.
٥٤.	ڏنڌو ڪٽائڻ	ختم ڪرڻ: [صحيح اسلامي حڪومت، راشي آفيسرن جو "ڏنڌو ڪٽائي" سگهي ٿي.
٥٥.	ڏنڌائي ڪرڻ	سستي ڪرڻ : [بچل "ڏنڌائي ڪرڻ " سبب ، پنهنجو ڪم خراب ڪري ڇڏيو.
٥٦.	ڏنڌو ڪرڻ	راضي ڪرڻ [اصغر، عمر کي "ڏنڌو ڪري" ڪم ناهي ڇڏيو
٥٧.	ڏنڌا ساه ڪڻڻ	افسوس ظاهر ڪرڻ : [رستم، پنهنجي ياءُ جي حادثي جي خبر ٻڌي "ڏنڌا ساه کنيا".
٥٨.	ڏنڌو پٽائڻ	بنياد اکيڙڻ: [سليم ڏاڍ مڙسيءَ سبب ، ويچاري احمد جــو ڏنڌو ئي پٽائي" ڇڏيو

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
٥٩-	ٽڪو ڏيئي ٽانڊو ڪڍائڻ	وڌني ڪرڻ [سچا ماڻهو سيٺ سبب "ٽڪو ڏيئي پيا ٽانڊو ڪڍائن"
٦٠-	ٽپتائي ڪيڏڻ	ٺڳ هجڻ [گلو ، روشن سان "ٽپتائي ڪيڏي" ويو
٦١-	ٽپڙ ڪلهي تي رکڻ	لڏڻ [اختر، وڏيري جي ظلم سبب "ٽپڙ ڪلهي تي رکيا"
٦٢-	ٽڪو لائڻ	بدنام ڪرڻ [سومر، پنهنجي خاندان کي "ٽڪو لائي ڇڏيو"
٦٣-	ٽڪر پچڻ.	الزام هڻڻ [سليم خواه مخواه مون تي پيو " ٽڪر پچي " قصور سندس آهي.
٦٤-	ٽنواڻ ڪرڻ	ٽوڪ ڪرڻ [ٻئي تي آجايو "ٽنولي ڪرڻ" وڏو گناه آهي
٦٥-	ثابت قدم هجڻ	مضبوطيءَ سان هجڻ [جيڪو " ثابت قدم هوندو " سو سدائين ڪامياب رهندو.
٦٦-	ڀڳهر سڪائڻ	ٿورو وقت ساه پٽڻ [غلام نبي وڻ هيٺان " ڀڳهر سڪائي "

نمبر	اصطلاح	معنيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
		رهيو آهي.
-٦٧	ڀرائي ماڙي ڏسي پنهنجو منهن ٻاهڻ	ٻين سان ساڙ ڪرڻ [”پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو منهن ٻاهڻ“ احمق پڻ آهي.
-٦٨	ٻوڏي هڻڻ	سست ٿيڻ [بهادر انسان ڪڏهن به ”ٻوڏي هڻڻ“ وارو نه آهي.
-٦٩	ٻاڏي ڦيرڻ	بربادي آڻڻ [ڳالهه جي گفتگو سومر ٿي ”ٻاڏي ڦيري“ ڇڏيو
-٧٠	ٻڙ ڪڍي بيهڻ	ڦري وڃڻ [حسين بخش ڪنهنجو به چيو نه ٿو مڃي هو ”ٻڙ ڪڍي بيٺو“ آهي.
-٧١	پتليون پڙهائڻ	ٺڳي ڪرڻ [خميسي، ويچاري ڳالهه ڪي ” پتليون پڙهائي “ ڇڏيون.
-٧٢	ٻاڏي ولوڙڻ	اجائي بڪواس ڪرڻ [اختر جو ڳالهائڻ رڳو ” ٻاڏي ولوڙڻ “ جي برابر آهي.

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
۷۳-	پاڏي وجهي مارڻ	ير ڏئي نقصان رسائڻ [شير ميربحر ، پنهنجي حريف کي "پاٺي وجهي ماريو."
۷۴-	پاڙان کوٽڻ	بنياد اکيڙڻ - نقصان پهچائڻ آچر جو کم ٺي آهي ٻئي جون "پاڙون کوٽڻ"
۷۵-	جتيءَ ۾ پير پائڻ	برابري ڪرڻ [منهنجو صاحب خان جي "جتيءَ ۾ پير نه وجهندو" چاڪاڻ ته هو وڏو ماڻهو آهي.
۷۶-	جهڙي نيت تهڙي مراد	جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي جڪو انسان ٻئي جي لاءِ کڏ کٽيندو، پاڻ به ان ۾ ٺي پوندو "جهڙي نيت تهڙي مراد"
۷۷-	جتن ڪرڻ	محنت ڪرڻ [هادي بخش اليڪشن ۾ پاڻ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڏاڍا "جتن ڪيا"
۷۸-	جنگ جوٽڻ	دوبدو وڙهڻ [فلسطين جا مجاهد اسرائيل سان "جنگ جوٽڻ" ۾ انشاءالله ڪامياب ٿيندا.

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
٧٩-	جيري خاطر ٻڪري کهڻ	ٿورڙي فائدي لاءِ وڏو نقصان ڪرڻ "جيري خاطر ٻڪري کهڻ" وڏي بيوقوفي آهي.
	حوصلا بلند ڪرڻ	عقلمندي برقرار رکڻ [١٩٦٣ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳڻ وقت "هر" مجاهدن جا "حوصلا بلند" هئا.
٨١-	حوصلا خطا ٿيڻ	حيران ٿي وڃڻ [ارباب جا کهڙا نه "حوصلا خطا" ٿي ويا آهن. جو ڏنو واڻيو جيري مک ٿو گهي.
٨٢-	حال پائي ٿيڻ	همدرد ٿيڻ [آندل خان ڏاڍو سٺو آهي ، هو هر مشڪل ۾ منهنجو "حال پائي ٿيندو" آهي.
٨٣-	حال حبيبان پيش پريان	اعتدالي پسند ڪرڻ [يار منهنجي غريب خاني تي مهرباني ڪيو. "حال حبيبان پيش پريان" ڪيو

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
٨٤-	خرمغز هجڻ	بي وقوف [گانڻ کھڙو نہ "خرمغز" آهي ، جو عقل جي خلاف ڪم ڪري رهيو آهي .
٨٥-	خطا کائڻ	غلط ڪرڻ [انسان جيڪڏهن ڪو به ڪم بنا سوچ ۽ ويچار جي ڪندو تہ ضرور هو "خطا کائيندو"
٨٦-	چار چنڊ لڳائڻ	چڱيءَ طرح سينگارڻ [اقبال جي شاديءَ تي ، سندن مائٽن بجليءَ جي بلبن جا "چار چنڊ" لڳائي ڇڏيا .
٨٧-	چشم پوشي ڪرڻ	لڪائڻ [فيصلي ڪرڻ ۾ "چشم پوشي ڪرڻ" وڏو گناہ آهي .
٨٨-	چاق ڪرڻ	ڦاڙڻ - ظاهر ڪرڻ [دوڪاندار بل ڪيش تيڻ بعد ، ان کي "چاق ڪري" ڇڏيو .
٨٩-	ڇهنڊي وجهڻ	تڪليف ڏيڻ [اصغر،حاڪم کي بار بار پيو "ڇهنڊي وجهي".

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
٩٠-	چڪري ڪاڙڻ	مقابلو ڪرڻ [حريف سان "چڪري ڪاڙهي" ڪانپوءِ ئي آرام ملي ٿو •
٩١-	چار ڏينهن	ڪجهه وقت [ايوب ڪجهه شرم ڌار آءُ "چار ڏينهن" توکان وڏو آهيان.
٩٢-	چپ چٽڻ	خراب عادت هجڻ [ڪيترا ماڻهو ٻين کي کائيندو ڏسي، پنهنجا "چپ چٽيندا" آهن.
٩٣-	چٽا پيٽي لڳڻ	مقابلو ٿيڻ [ٻن رانديگرن جي پاڻ ۾ "چٽا پيٽي" سان سندن فن جو پتو پيو •
٩٤-	چورن متان مور ٿيڻ •	بلا جي متان بلا هجڻ [خانو ٻين چورن سان ڏي ڪري پاڻ "چورن متان مور" لڳو پيو آهي •
٩٥-	چيڙا پورڻ	فساد مچائڻ [اجا مس مس معاملو ٺهيو، ته وري يعقوب وڃي "چيڙا پوريا".

نمبر	اصطلاح	معنيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
٩٦-	چوه چنبڻ	غصو ڪرڻ - ڏاڍو ڪاوڙجڻ [آچر پنهنجي ملازم تي ڏاڍا " چوه چنبيا "
٩٧-	چڙوچڙ ٿيڻ	نا اتفاقي ٿيڻ [پوليس جي لاٺي چارج تي سڄو جلوس " چڙ وچڙ " ٿي ويو
٩٨-	چنگهه اٿلائڻ	تڪليف ڪرڻ [ادا تنهنجو ڪم مون کان گهڻو آهي ، مان ان لاءِ " چنگهه اٿلائي " نٿو سگهان .
٩٩-	چر اچڻ	ايذاءُ اچڻ [حاڪم ٻاهه کان پري ٿي ويهه ، متان " چر اچئي "
١٠٠-	دل وڏي ڪرڻ	همت ڪرڻ [احمدبخش جي گهر ۾ ، جڏهن چور گهڙيا ، ته هن "دل وڏي ڪري" چورن سان مقابلو ڪيو .
١٠١-	دال نه ڳرڻ	پچي نه سگهڻ [اسلامي لشڪر آڏو ، ڪافرن جي " دال نه ڳري "

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
١٠١	داغدار ٿيڻ	عيب يا گلا وارو ٿيڻ [صالح معاشري ۾ پاڻ کي " داغدار ٿيڻ " کان بچائڻ گهرجي.]
١٠٣	ديد ڏارڻ	شرم ڪرڻ [سومـــر، آءٌ توکان چار ڏينهن وڏو آهيان ڪجهه " ديد ڏار " سنڀالي ڳالهاءِ.]
١٠٤	دنگ رهڻ	حيرت ۾ پوڻ [سائنسدانن جا ڪارنامـا ڏسي سڄي دنـيا " دنگ رهجي " ويئي آهي.]
١٠٥	دال ۾ ڪارو هئڻ	شڪ پئجڻ روس جي فوجين جي افغانستان ۾ موجودگيءَ مان محسوس ٿئي ٿو، تـــه ڪجهـه " دال ۾ ڪارو " آهي.
١٠٦	دل کسڻ	پيار ۾ قابو ڪرڻ [محبوب جـي " دل کسڻ " سبب آءٌ هـر وقت پريشان رهان ٿو]
١٠٧	دل بهار ٿيڻ	گهڻي خوشي ٿيڻ] پاڪستاني

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
		جي ڪاميابيءَ جي خبر ٻڌي ڏاڍي "دل بهار ٿيڻ" لڳي.
108-	ٻاون ٻول ٿيڻ	برباد ٿيڻ [ڪنهن وقت تڪڙ ڪرڻ سبب پڪ ٺهيل ٺڪيل ڳالهه "ٻاون ٻول" ٿي وڃي ٿي
109-	ڍڪر اچڻ	صدمو ٿيڻ [جڏهن سون جو اگهه ڪري پيو ته صرافن کي "ڍڪر اچي" وياه
110-	ڍينگهو ڍيري ڏيڻ	سيڪجهه هليو وڃڻ [عليشير جو ٻوڏ سبب "ڍينگهو ڍيري ڏي" ويو.
111-	ڌوڙ مان ڌن ڏيڻ	ڏال مان سڀرو ٿيڻ [جيڪڏهن رب راضي ٿئي ته "ڌوڙ مان ڌن" ڪري ڇڏي.
112-	ڏڪڙ کي اڏو رکڻ	جهڳڙو وڌائڻ [ادا ٻن ڀائرن جو مسئلو ختم ٿيڻ تي هو ته وري ڄاڻي "ڏڪڙ کي اڏو لاتو"

نمبر	اصطلاح	معنيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
-113	ڏندين آڱريون اچڻ	حيران ٿيڻ [پٽ جي پيءُ سان بي فرماني ڏسي "ڏندين آڱريون اچي" ويون.
-114	ڏس پنڌ ڏيڻ	علاج ڪرڻ [ميان مورين واري حڪيم جو "ڏس پنڌ" ڏنو ڪامياب آهي
-115	ڏند ڪٽا ٿيڻ	اچو ڪين نه ارنگين ته منهنجا "ڏند ڪٽا ڪري" ڇڏيا
-116	ڏکيا ڏينهن ڏسڻ	بد بختي ٿيڻ [نارو ويچارو اڄ ڪلهه زندگيءَ جا "ڏکيا ڏينهن ڏسي" ٿو.
-117	ڏيئو اجهامڻ	صدمو ٿيڻ [خميسي خان جي مرڻ بعد ، سندس گهر جو "ڏيئو اجهامي" ويو.
-118	ڏڏي مک گهڻ	ڏاڍو وڏو نقصان ۾ پوڻ] خراب ماڻهوءَ سان دوستي رکڻ "ڏڏي مک گهڻ" جي برابر آهي
-119	ڏنڊ ڏيڻ	برو ڀاو چوڻ [اڄ ڪلهه جا ماڻهو ٿوري ڳالهه تان

نمبر	اصطلاح	معائني ۽ جملي ۾ استعمال
		پاڻ ”پيا ڏند“ ڏين.
-120	ڏاند ڏهڻ	نا اميد ٿيڻ [ڪنجوس ماڻهوءَ کان پئسي ملڻ جي اميد رکڻ ”ڏاند ڏهڻ“ جي برابر آهي.
-121	رت ڪرڻ	بيزار ڪرڻ [بي فرمان اولاد هر وقت پنهنجي والدين کي ”رت ڪرڻ جو سبب بنجي ٿي.
-122	روح ڦوڪڻ	همٿائڻ [ڪامل استاد، شاگرد ۾ صحيح تعليم جـو ” روح ڦوڪي“ ٿو.
-123	رنگ لائڻ	روشن ڪرڻ ـ زنـده رکڻ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي اسلام خاطر ڏنل قرباني هميشه ”رنگ لائيندي“ رهندي
-124	رڍ اڳيان رباب وڄائڻ	بي عقل اڳيان عقل جون ڳالهيون ڪرڻ [بيوقوف کي عقل جي ڳالهه ٻـڌائڻ ائين آهي جيئن ”رڍ اڳيان رباب وڄائڻ“

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
125-	زبان کي پاڙي ڏيڻ	انجام پورو ڪرڻ [شريف انسان هر وقت، پنهنجي "زبان کي پاڙي ڏيندو" آهي
126-	زندگي زهر ٿيڻ	حياتي مان بيزار ٿيڻ [ظالم حاڪم سبب رعيت جي "زندگي زهر ٿئي" ٿي.
127-	سر کپائڻ	پريشان ڪرڻ [حميد اجايو سجايو پيو منهنجو "سر کپائي"
128-	سڻائو واءُ لڳڻ	قسمت چڱي ٿيڻ [نيڪ انسان کي، جڏهن "سڻائو واءُ لڳندو" آهي ته هو رب پاڪ جو شڪرانو ادا ڪندو آهي.
129-	سوٽي ڏيڻ	ڪجهه پئسا! اڳواٽ ڏيڻ "سوٽي ڏيڻ" ڪري واپار جو طريقو آسان رهي ٿو.
130-	سونو سج اڀرڻ	ڀاڳ کلڻ [ڳالڻ ويچاري کي پٽ ڄمڻ بعد مٿس "سونو سج اڀريو" آهي.
131-	سونو نڪ وجهڻ	وڏي عزت ڏيڻ [نيڪ اولاد

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
		والدين لاءِ "سونو نڪ وڃڻ" برابر آهي.
132-	سوڙهو ٿيڻ	تنگ وٺڻ [سليم ۽ زلف گهرو اختلافن سبب پاڻ ۾ ڏاڍو "سوڙهو پيا"
133-	سانگ صرفو ڪرڻ	قناعت سان خرچ ڪرڻ [جيڪو انسان زندگي "سانگ صرفي" سان گذاري ٿو سو سدائين سک ڏسندو
134-	سر تري ۾ تي رکڻ	موت لاءِ تيار ٿيڻ [خدا جا پيارا پاڻها الله تعاليٰ کي راضي رکڻ لاءِ پنهنجو "سر تري ۾ تي رکڻ" کي وڏيڪ ترجيح ڏيندا آهن.
135-	سيڪ اچڻ	ايذاءُ اچڻ ، ڏک ملڻ [توکي ياءَ جو "سيڪ اچي" ٿو باقي هن ويچاري گناه ڪيو.
136-	ساک پڙڻ	ويساه ڏيڻ [ادا منهنجو تہ تي اعتبار آهي ، تون اجايو پيو "ساک پرين".

نمبر	اصطلاح	معائني ۽ جملي ۾ استعمال
137-	شب ۾ رکڻ	لڪائڻ (ڳالھ) ڏئي! شاھن پنھنجي پاءُ جي شاھدي ”شب ۾ رکي“ ڇڏي.
138-	شرف حاصل ڪرڻ	عزت ملڻ [رشيد پنھنجي بلند اخلاقيءَ سبب ڪيڏو نه ”شرف حاصل ڪيو“ آھي.
139-	شيلھن ڪلھي چڙھڻ	مڙس جي حوالي ڪرڻ[بالغ نياڻيءَ کي ” شيلھن ڪلھي چاڙھڻ“ سنت آھي.
140-	صاف ڳالھائڻ	نيڪ نيتيءَ سان چوڻ [شريف انسان ھميشه ” صاف ڳالھ چوندا“ آھن.
141-	طوق وجھڻ	لعنت ڪرڻ [ظالم انسان کي سيڪو ظاھري تسوڙي باطني لعنت جو ” طوق وجھندو “ رھندو آھي.
142-	طاقت سارو ھلڻ	وت سارو ھلڻ [”طاقت سارو ھلڻ “ سان ھر انسان پنھنجي زندگي ڪامياب گذاري

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
		سگهي ٿو.
-143	طاق لڳڻ	پريشان ٿيڻ [امين جا "طاق لڳي" ويــا، جڏهن پنهنجي عزيز جي موت جي خبر پڏائين
-144	عيب ڪيڻ	پٺي جي پچار ڪرڻ [پٺي جا "عيب ڪيڻ" جهڙ مئي ڀاءُ جي گوشت کائڻ برابر آهي.
-145	ڦات کائڻ	راز کولڻ [علي شير ڳالهه نه رکي سگهيو نيٺ هن " ڦات کـاڌو"
-146	ڦاٽوڙو دهل ٿيڻ	دل ۾ نه ڇپائڻ (ڳالهه) گلشن "ڦاٽو ڙو دهل" آهي هر ڳالهه منهن تي چٽي ڏيندو آهي.
-147	فاقا ڪيڻ	بکون ڪڍڻ [درويش تزڪيه نفس خاطر "فاقا ڪيندا آهن
-148	ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ	پريشانيءَ ۾ اضافو ڪرڻ [ڳالهه ٻن ڏرين کي ناهڪ بدران وڌيڪ "ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ" جـو ڪم ڪيو.

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
-149	قـڙي ۽ قـڙي ۽ ڳلاءِ ٿيڻ	آهستي آهستي واڌارو ٿيڻ سليم! " قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ " وانگر پئسو پئسو گڏي، پنهنجي خوشحاليءَ ۾ واڌارو آندو آهي.
-150	قلعي کلڻ	ظاهر ٿيڻ [اصغر نيٺ پنهنجي "قلعي کولي" ڳالهه رکي نه سگهيو.
-151	قرب ۾ قيد ٿيڻ	محبت ۾ ڦاسڻ [رسول بخش ايترو ته قابل آهي، جو هڪ دفعو ساڻس گفتگو ٿيو ته اهو سندس "قيد ۾ قابو ٿي" ويندو
-152	ڪاپاري ڌڪ لڳڻ	وڏو نقصان ٿيڻ [علي شير کي ڌنڌي ۾ وڏي نقصان سبب کيس "ڪاپاري ڌڪ" لڳو آهي
-153	ڪڻ تيل نه نڪرڻ	نتيجو نه نڪرڻ [شاهن جي ڳالهه ٻولهه مان ڪوبه " ڪڻ تيل نه نڪتو" آهي.

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
-154	ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ	تڪليف ۾ همدرد ٿيڻ [نيڪ انسان، ٻئي ڪي ”ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ“ کي پنهنجي خوشي محسوس ڪندا آهن.
-155	ڪن لاڏاري ڪرڻ	ٻڌڻ جي باوجود نه ٻڌڻ [روشن جي ڏاڍي خراب عادت آهي، جو هو موقعي محل تي ڪن لاتاري ڪندو آهي.
-156	ڪچي ڦاڙڻ	سوچي قدم کڻڻ [جيڪو انسان ”ڪچي ڦاڙي“ زندگي گذاري ٿو اهو سدائين سکيو رهندو.
-157	ڪپڙن ۾ نه ماپڻ	ڏاڍو خوش ٿيڻ [سومر امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ سبب ”ڪپڙن ۾ نٿو ماپي.“
-158	ڪنڌ مٿي ڪڻڻ	شان سان هلڻ [سچو انسان سدائين ”ڪنڌ مٿي ڪڻي“ هلندو آهي.

نمبر	اصطلاح	معائون ۽ جملي ۾ استعمال
159	ڪشالا ڪڍڻ	ڏک سهڻ [جيڪو ماڻهو مصيبت ۾ صبر سان "ڪشالا ڪڍندو" آهي اهو آخر ڪامياب ٿيندو آهي.
160-	ڪسرون ڪڍڻ	وير وٺڻ [ورهيام جيڪڏهن منهنجي واري ۾ آيو، ته هن ڪان ضرور "ڪسرون ڪڍندم"
161-	ڪن ڪڙا ڪرڻ	هوشيار ٿيڻ [اوچتي آواز منهنجا "ڪن ڪڙا ڪري" ڇڏيا
162-	ڪاڻ ڪڍڻ	محتاج ٿيڻ [خود دار ماڻهو ڪنهنجي "ڪاڻ ڪڍڻ" عيب سمجهندو آهي.
163-	ڪر ڪڻڻ	غرور ٿيڻ [نسيم هنر چئن پئسن سبب "ڪر ڪڻي" رهيو آهي
164-	ڪانپ ڪرڻ	وڏائي ڪرڻ [موڻ کي جتي ڏسو جتي "ڪانپ ڪندي" بيٺو آهي.
165-	ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ	جهگڙو وڌائڻ [محراب جي

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
		عادت ٿي آهي " ڪڪر ۾ ڪڙو هڻڻ "
-166	ڪير ڪنب ٿيڻ	خوش ٿيڻ (پاڻهر)] هرهڪ انسان کي پڻي سان " ڪير ڪنب ٿي " هلڻ ڪري فائدو آهي .
-167	گاڏو گهلڻ	وقت گذارڻ] روشن علي باوجود وڏي عمر جي پنهنجو " گاڏو گهلي " رهيو آهي .
-168	گرڏو پيچڻ	ڏيهڙ احمد بخش جتي ۾ ماڻهو واقعو ڪار ڏسي ٿو انهي " گرڏو پيچي " پيو .
-169	گل ڪرڻ	وسائڻ] شاه محمد هينئر سمهڻ جو وقت ٿيو آهي بتي " گل ڪري " ڇڏ .
-170	گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ .	سيڪڙيو وڃائڻ] روشن لاءِ " گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ " آسان آهي ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجي سمجهه ڪونهي .

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
-171	ڳچ ڳارڻ	ڏاڍو روئڻ] خير محمد خواه مخواه پنهنجا "ڳچ ڳاري" جيڪو مقدر ۾ لکيل هوندو اهوئي ٿيندو.
-172	ڳيڙا ڳارڻ	پريشان ڪرڻ] سومر غلط ڪم ڪري پنهنجا "ڳيڙا ڳاري" ڇڏيا.
-173	ڳل پوڻ	چنبڙي پوڻ [علي شير مون کي خواه مخواه پيو "ڳل پوي" جيڪو ٺيڪ هو سو ٿي ويو.
-174	ڳوڙهو ٿيڻ	برباد ٿيڻ [علي حسن جو "ڳوڙهو ٿيڻ" فائدي مند ثابت ٿيو، ورنه فيصلو سندس خلاف وڃي ها!
-175	لانگ وراڻ	الزام ڏيڻ [قصور علي حسن جو، حاتم خواه مخواه سومر تي پيو "لانگ وراڻي."

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
176-	لوچي لهڻ	محنت سان حاصل ڪرڻ پنهنجي روزي "لوچي لهڻ" سان انسان ۾ خودداري پيدا ٿئي ٿي
177-	لاها چاڙها ڏسڻ	تڪليفون سهڻ [عزيز احمد زماني جا ڏيا " لاها چاڙها" ڏٺا آهن.
178-	من مارڻ	غريب ٿي گذارڻ [دنوي زندگيءَ ۾ ، جنهن پنهنجو "من ماريو" آخرت ۾ اهوئي ڪامياب ٿيندو.
179-	منهن پٽ سان لڳڻ	پڇتائڻ [رشيد جو جڏهن "منهن پٽ سان لڳو" تڏهن بس ڪيائين نه ته هوڏ ڪيون بيٺو هو.
180-	مٿيون منجهڻ	سمجهه خطا ٿيڻ [نواب جون "مٿيون منجهي" ويون، جڏهن چور پنهنجي گهر ۾ ڏٺائين.
181-	من وڌائڻ	خراب ڪرڻ [ننڍي پار جو "من وڌائڻ" نه گهرجي ورنه خراب ٿيندو.

نمبر	اصطلاح	معانيٰ ۽ جملي ۾ استعمال
-182	مٽا مونا هڻڻ	ڏاڍي ڪوشش وٺڻ [گلو ڏاڍا "مٽا مونا هنيا" مگر حاصل ڪجھ به نه ٿيس.
-183	مراد ماڻڻ	مطلب پورو ڪرڻ ["مراد ماڻڻ" آسان ڪم ڪونهي ان لاءِ ادب، اخلاق ۽ محنت جي ضرورت آهي.
-184	موڙن ۾ منهن پائڻ	شريف ٿي گذارڻ [نيڪ انسان "موڙن ۾ منهن پائڻ" کي وڏيڪ پسند ڪندو آهي.
-185	نڪ ۾ دم ڪرڻ	پريشان ڪرڻ [سومر، ڏني کي هروڀرو "نڪ ۾ دم ڪري" ڏنو آهي
-186	نيچ ٿيڻ	خوار ٿيڻ [انسان کي اهڙو ڪڏهن ڪم نه ڪرڻ گهرجي، جنهن سان هن کي "نيچ ٿيڻ" پوي.
-187	نقش قدم تي هلڻ	فرمانبرداري ڪرڻ [بزرگن جي "نقش قدم تي هلڻ" سان

معنيٰ ۽ جملي ۾ استعمال	اصطلاح	نمبر
اسان کي به فائدا آهن دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به		
بخت کلڻ [نور محمد کي اهڙو ته "واءُ سڻائو لڳو" آهي جو جنهن به ڪم ۾ هٿ وجهي ٿو ته فائدوئي فائدو اٿس	واءُ سڻائو لڳڻ	188-
بي سمجهه ٿيڻ [خميسي کي اوچتي نقصان سبب سندس "وايون ولڙيون ٿيون" لڳيون.	وايون ولڙيون ٿيڻ	189-
ڏايو روئڻ [رستم پٽ جي غم سبب " هنجون هارڻ " لڳو آهي.	هنجون هارڻ	190-
ڪوشش ڪرڻ [پيسائو آءُ "هٿ پير هڻان" ٿو، جيڪڏهن پيسو ملي ويو ته سندس تنهنجو ضرور ڪم ڪندس.	هٿ پير هڻڻ	191-
هڪ جهڙو نه ٿيڻ [انسان جو پاڪ "هڪ سچ نه پاڇا"	هڪ سچ نه پاڇا	192-

نمبر	اصطلاح	معنائون ۽ جملي ۾ استعمال
		جي برابر آهي.
193-	هٿ ڦاڙ ٽيڻ	اجايو خرچ ڪرڻ ["هٿ ڦاڙ ٽيڻ" واري کي اسلام سخت تنبيھ ڪري ٿو.
194-	هٿيءَ سارو هوڪو ڏيڻ	وٽ آهر هلڻ [سوڙ آهر پير ڊگهيرجن يا "هٿيءَ سارو هوڪو ڏيڻ" بهتر آهي.
195-	هٿ ڪرڻ	وڏائي ڪرڻ ["هٿ ڪرڻ" واري کي معاشري ۾ عزت جي نگاه سان نہ ٿو ڏٺو وڃي.
196-	هٿ رکڻ	ديک ڀال ڪرڻ [غريب ۽ يتيم تي "هٿ رکڻ" ڪري الله پاڪ جي خوشنودي حاصل ٿئي ٿي.
197-	ياري باشي ڪرڻ	دوستي وڌائڻ [اڄڪلھ جي "ياري باشي ڪرڻ" سان فائدي کان گهڻو نقصان آهي.

اشتقاق
Ety Mology

"اشتقاق" هيءُ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو "شق" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي (چيرڻ ڦاڙڻ يا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ) ڪنهن به لفظ جي بنيادي معنيٰ ظاهر ڪرڻ کي "اشتقاق" چئبو آهي.

مطلب ته "اشتقاق" ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ جي هڪ "ڪسوٽي" آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن به لفظ جو بنياد معلوم ڪري سگهجي ٿو.

ڪن جو خيال آهي ته، جيڪڏهن عربي لفظ جو "اشتقاق" ڪڍڻو هجي ته (يتسمنوا) يعني (ا-ت-س م-ن-و ۽ ي) وارا اکر ڪيڻ ڪان پوءِ جيڪو لفظ نهي اهو ان جو بنياد ٿيندو.

مثال. "اشتقاق" مان مٿان ڄيل اکر ا-ت-ا ڪڍي ڇڏبا ته باقي ش-ق-ق بچندا، جن مان "شق" لفظ ٺهيو، جنهن جي معنيٰ آهي "چير" تنهنڪري اشتقاق

جو مطلب ٿيو ڇيرڻ - ڦاڙڻ.

هيٺ اشتقاق معاني ۽ سمجهاڻيءَ سميت ڇيڻ ڪجن ٿا لفظن جي سمجهڻ لاءِ ۽ پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ تہ ، اهي لفظ ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا آهن، ان لاءِ عربي لفظ جي اڳيان (ع) فارسي لفظ جي آڏو (ف) سنسڪرت لفظ جي اڳيان (س) هندي لفظ جي اڳيان (هہ) ۽ انگريزي لفظ جي اڳيان (انگ) لکيا ويا آهن ، تہ جيئن پڙهندڙ لفظن کي بخوبي سمجهي سگهن.

لفظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
1- الله پاڪ (ع)	[الله=خدا پاڪ جو ذاتي اسم مبارڪ پاڪ=مقدس] سڀني شين کان پاڪ خدا - ڌڻي تعاليٰ - بي نياز
2- اپائڻهار (س)	[اپائڻ=پيدا ڪرڻ+هار=وارو] پيدا ڪندڙ - الله تعاليٰ
3- آبشار (ف)	[آب=پاڻي+شاريدن=تيز آواز سان هيٺ ڪرڻ] جبل تان هيٺ ڪرندڙ قدرتي پاڻي.
4- آبادگار (ف)	[آباد=ساوڪ - ساوي گار=وارو] ساوڪ پيدا ڪرڻ وارو - هاري
5- آبدوز (ف)	[آب پاڻي+دوز=دوختن](مصدر) سبڻ يا چهڻ وارو] پاڻيءَ اندر هلندڙ ڪشتي، جيڪا پاڻيءَ ۾ اندر وڃي وڏن جهازن کي نقصان رسائي ٻوڙيندي آهي.
6- آبپاشي (ف)	آب=پاڻي+پاش+پاشيدن ڇنڪارڻ - آلو ڪرڻ] زمين يا پوک کي ملندڙ پاڻي.

لفظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
7- آبهوا (ف-ع)	[آب (ف)=پاڻي + هوا (ع)، فضا] پاڻي ۽ هوا، موسم مطابق هوا، مثال:- گرم، سرد، خزان ۽ بهار
8- آبدار (ف)	[آب=پاڻي+دار=داشتن- رکڻ] داروغو يا اهو ماڻهو، جيڪو پاڻيءَ جي انتظام تي مقرر ٿيل هجي-
9- آدم خور (ع+ف)	[آدم(ع)=انسان خور(ف) خوردن کائڻ] انسان يا ماڻهو کائيندڙ هيبت ناڪ - وحشي-
10- ابن الوقت (ع)	[ابن=پٽ+ال=جو+وقت=مهل وقت يا موقعي ۽ مهل جو پٽ موقعي پرست - هوشيار ۽ زماني گشتو-
11- استقبال (ع)	[قبل=قريب ٿيڻ] مرحبا لاءِ قريب يا ويجهو ٿيڻ-
12- استحڪام(ع)	[حڪم=محڪم - مضبوط ٿيڻ] مضبوطي-
13- اشرف المخلوقات (ع)	[شرف عزت ڏيڻ+خلق خلقڻ] پيدا ڪرڻ سڀ خلق کان وڏيڪ

لفظ	اشتقاق ۽ معانيل
	عزت واري شيء - انسان
14- اصلاح (ع)	[صلح=سڌارو ڪرڻ - ٺاهه ڪرڻ] ٺاهه - سڌارو - امن امان.
15- اڪيچار	[اڪو=نه + پار=پرين پر - بي حد] تمام گهڻا - بيشمار.
16- امرالڪتاب (ع)	[ام = ماءُ + ال جي+ڪتاب+ ڪتاب] ڪتاب جي ماءُ يعاني] سڀني ڪتابن کان وڏيڪ مقدس ڪتاب - قرآن مجيد - آسماني ڪتاب.
17- انحراف (ع)	[حرف=ڦيرائڻ] منهن ڦيريندڙ انڪار ڪندڙ
18- آمدورفت (ع)	[آمد=آمدن=اچڻ + و=۽+رفت رفتن=وڃڻ] اچڻ ۽ وڃڻ جو هنڌ يا اچ وڄ جي جاءِ
19- اهلبيت (ع)	[اهل=ڪٽنب - ڀاتي - عزيز+بيت گهر - جاءِ] گهر جا ڀاتي هي لفظ خاص طرح نبي سڳوري جن جي گهر جي ڀاتين يا عزيزن ڏانهن

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
	منسوب ڪيو ويندو آهي ـ اهلبيت سـادات
20- انعام (ع)	[نعم=عطا ڪرڻ ـ بخشڻ] عطا ڪيل ـ بخشيش
21- ايماندار (ع+ف)	[ايمان(ع) = يقين ـ ڀروسو+دار(ف) داشتن=رکڻ] ڀروسو ڪيل ـ سچو
22- ايامڪاري	[يوم(ع)=ڏينهن وقت+ڪار(ف) ڪم ـ مشغولي] ڪم ڪار وارا ڏينهن ـ مشغوليءَ وارو وقت
23- بالادست(ف)	[بالا=اوچو ـ مٿاهون+دست=هٿ] اوچو هٿ ـ حاڪم ـ حڪم هلائيندڙ
24- بت‌شڪن‌ف	[بت = بدن يا جسم + شڪن شڪستن ٽوڙڻ ـ ڊاهڻ] بت ڀڃندڙ يا ڊاهيندڙ
25- بدحواس ف+ع	[بد(ف)=ڪنو، خراب + حواس(ع) سمجهه ـ شعور] خراب سمجهه رکندڙ بي وقوف
26- برآمد (ف)	[بر=ٻاهر،ڏورانهن + آمد-آمدن اچڻ] ملڪ کان ٻاهر شين جي روانگي.

اشتقاق ۽ معنيٰ	لفظ
[بد(ف) بڇڙو، ڪنو + معاش(ع) زندگي - رزق، روزي] خراب زندگي گذارڻ وارو يا بڇڙي روزي ڪمائڻ وارو	27- بدمعاش (ف+ع)
بر(ف) مٿي - تي + عڪس=سايو پاڇو] ابتو - الٽو.	28- برعڪس (ف+ع)
[باغ=باغ+داد=انصاف] انصاف وارو باغ،عراق ملڪ ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو ، جتي حضرت غوث پاڪ جو روضو مبارڪ پڻ آهي. هتي ڪنهن زماني ۾ ، نوشيروان بادشاه مظلوم طبقي جي داد رسي ڪندو هو، جنهن ڪري مٿس نالو "باغ داد" پيو، ان بعد هلاڪو بادشاه هن هنڌ قتل عام ڪرايو ان ظلم سببان ماڻهن جي زبان تي"بغداد" جو آواز پئي آيو ، جنهن ڪري انهيءَ نالي پٺيان شهر تعبير تي ويو.	29- بغداد (ف)
[ب=سان+ لا = نه + شڪ = وهم	30- بلاشڪ (ع)

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
	گمان] وهم کان سواءِ يقين ۽ خاطريءَ سان
31- بند و بست (ف)	بند=سوچ ۽ فڪر + بست = ٻڌڻ] فڪر ۾ ٻڌل ـ سوچ مطابق ڪم يعني انتظام.
32- بيت الخلاء ع	بيت=جاءِ + ال=جو + خلا=خالي جاءِ] ضرورت حاجت واري جاءِ يعني ڪاڪوس.
33- بيت الحرام (ع)	[بيت=جاءِ + حرام=پاڪ] پاڪ جاءِ الله پاڪ جو مقدس گهر ڪعبت الله، جيڪو عربستان جي شهر مڪي پاڪ ۾ آهي.
34- بيت الله (ع)	[بيت=جاءِ + الله = خداپاڪ] خدا پاڪ جي جاءِ يعني ڪعبت الله
35- بيت المقدس (ع)	[بيت=جاءِ + مقدس=پاڪ]پاڪ جاءِ مسلمان جو پهريون قبلو، جيڪو هن وقت اسرائيل جي قبضي ۾ آهي
36- بيت المال [ع]	[بيت =جاءِ ال=جو + مال ـ دولت دولت جي گڏ ڪرڻ واري جاءِ

لفظ	اشتقاق ۽ معاني
	سرڪاري خزانو - عوامي ملڪيت
37- بيشمار (ف)	[بي = سواءِ + شمار = ڳاڻاپو] ڳڻپ ڪان سواءِ جيڪا شيءِ ڳڻپ کان وڌيڪ هجي يعني تمام گهڻي.
38- بين الاقوامي (ع)	[بين = وچ + ال = جو + قوم = جمع افراد] يعني مختلف قومن جو وچ يا مرڪزي اداره
39- بينظير (ف+ع)	[بي (ف) سواءِ + نظير (ع) مثال - مثل] لاثاني جنهن جو ڪو به مٽ نه هجي - بي مثل.
40- بيمثال (ف)	[بي = سواءِ + مثال = نمونو] جنهن جهڙو ٻيو نمونو نه هجي - نهايت دلڪش
41- ٻاجهارو (س)	[ٻاجهه رحم - ترس + وارو] رحم ۽ ترس وارو.
42- تجربيڪار (ع+ف)	[تجربه (ع) آزمودو + ڪار (ف) ڪم، مشغولي] آزمودو رکندڙ - ماهر
43- تحت الثريٰ (ع)	[تحت = هيٺان + ال = جي + ثريٰ ذرتيءَ جي هيٺان - ترو

لـفـظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
44- ترتيبوار (ع+ف)	[ترتيب (ع) سلسلي يـا سلسلو وار(ف)وانگر] سلسليوار.
45- تختگاهه (ف)	[تخت=مسند . بيٺڪ + گـاه = جاءِ] بـــادشاه جي ويهڻ واري جـــاءِ دارالحڪومت . گـاديءَ جو هنڌ
46- ترقي يافته (ف)	[ترقي=واڌ . بلندي . اضافو + يافته لهندڙ ترقي، ڪيل بلندي وارو.
47- ترقي پذير (ف)	[ترقي=بلندي . اضافو + پزير=قبول ڪندڙ . وڌنـــدڙ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندڙ.
48- ترجيح (ع)	[رجح فوقيت ڏيـڻ] بـرتـري بلند درجو.
49- تعليم (ع)	[علم=واقف ٿيڻ . ڄاڻ رکڻ] علم جي واقفيت يا ڄاڻ.
50- تندرستي (ف)	[تن=جسم + درست=برابر . صحيح] جسم يا بـدن صحيح هجڻ . صحت منديءَ.
51- تعمير (ع)	[عمر=اڏڻ . ناهڻ] ڪنهن جڳهه جي اڏاوت يا ناهڻ.

لـفـظ	اشتقاق ۽ معاني
52- ٽڪنالاجي (انگـ)	[ٽيڪنڪ Technic = ڪاريگري لاجڪ Logic سبب يا اسباب جي ڄاڻ] اسباب واري ڪاريگري علم ڪاريگري.
53- پاسپورٽ (انگـ)	[پا ـ Pass = اجازت ـ لنگهه + پورٽ بندر] اجازت نامو ـ گذرنامو ـ سند
54- پاڪستان [ف]	[پاڪ = مقدس ـ صاف + ستان = جاءِ هنڌ] مسلمانن جي رهڻ جو هنڌ يا مسلمانن جي ملڪ جو نالو] پاڪستان.
55- پرده نشين [ف]	[پرده = نقاب ـ ڍڪ + نشين ـ نشستن ويهڻ يا رهڻ] سترواري ـ پاڪدامن
56- پائدار [ف]	[پا = پير بنياد ـ پاڙ + دار ـ داشتن رکڻ] بنياد تي رکيل ـ مستحڪم مضبوط.
57- پسگردائي [ف]	پس = پويان + گرد ـ گريدن = ڦرڻ هلڻ] پويان هلڻ يا ڦرڻ يعني چوطرف ڪان ويجهڙائي وارو حصو يا پاڳو.

لـــفـــظ	اشتقاق ۽ معانيا
58- پيچرو [ف]	[پا = پير + چاره = گذر - رستو] پيرن هاڻ جيترو رستو يا گذر.
59- پيشنگوئي [ف]	[پيش = اڳ يا اڳياڙ + گو - گفتن ڳالهائڻ - ٻڌائڻ] اڳواٽ ٻڌائڻ اڳڪٿي ڪرڻ.
60- پيغمبر [ف]	[پيغام = نياپو- خبر + بر- بردن - کڻڻ نياپو کڻي ايندڙ الله پاڪ جو خاص ٻانهو نبي يا رسول.
61- جستجو [ف]	[جست - جستن = جاچ ڪرڻ تلاش ڪرڻ] جاچ تفتيش
62- جد و جهد [ف]	[جد = ڪوشش + و = ۽ + جهد = محنت - ڪوشش] سخت محنت سان ڪوشش ڪرڻ.
63- جهان آرا [ف]	جهان = دنيا - ڪائنات + آرا - آراستن اجارڻ - سينگارڻ] سڄي ڪائنات کي سينگاريندڙ - نهايت خوبصورت عورت.
64- جوڌپور (هم + ف)	[جوڌو[هم] پهلوان - بهادر + پور[ف] پريل - آباد] پهلوانن يا بهادرن جي

لـفـظ	اشتقاق ۽ معنائون
	آبادي يا بستي ـ هندستان ۾ مشهور شهر جو نالو.
65- چشم پوشي (ف)	[چشم = اک ـ نظر + پوش ـ پوشيدن لڪڻ ـ ڍڪڻ] اک يا نظر کي ڍڪڻ يعني ٻئي جي عيب جوئي کان پاسو ڪرڻ.
66- چو ماسو (هہ+س)	[چو(هہ) چار + ماس(سن) = مهينو] چار مهينن واري مند يا موسم، هن مند ۾ هندستان ۾ لڳاتار بارش پوندي آهي.
67- حال ڀائي (ع+هہ)	[حال ع) = حالت ـ موجودگي + ڀائي (هہ) ڀاءُ ـ سنگتي ـ ساٿي] ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندڙ همدرد
68- حفاظت (ع)	[حفظ سنڀالڻ ـ نظر رکڻ] سنڀال نظـر
69- حيرت انگيز (ع+ف)	[حيرت (ع) عجب ـ پريشاني + انگيز (ف) انگيختن = اپو ڪرڻ ـ کڙو ڪرڻ] حيرت ۾ وجهندڙ خبر

اشتقاق ۽ معانيٰ	لفظ
[خان (ت) سردار - بزرگ - امير + گاهه جاءِ] سردار يا بزرگ جي جاءِ روضو - مقبرو	70- خانگاهه (ت + ف)
[خر (ف) نادان - بي سمجهه + دجال (ع) حق يا سچ لڪائيندڙ - دوکي باز (ايندڙ وقت ۾ هڪ "خر دجال" نالي ماڻهو پيدا ٿيندو، جيڪو اک ڪان ڪاڻو هوندو، جو ماڻهن جي ايمان کي ڦيرائڻ لاءِ (نعوذ بالله) خدائي دعوا ڪندو.	71- خر دجال (ف + ع)
[خورد ننڍو- باريڪ + بين = نهارڻ ڏسڻ] ننڍڙيءَ شيءِ کي ڏسڻ جو اوزار	72- خرد بيني (ف)
[خوب (ف) عمدو- سهڻو + صورت شڪل] سهڻي شڪل وارو حسين	73- خوبصورت (ف + ع)
خود = پاڻ + ڪشي - ڪشتن = قتل ڪرڻ] پاڻ کي مارڻ - آپگهات ڪرڻ.	74- خودڪشي (ف)

لفظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
75- خود غرض (ف+ع)	[خود (ف) پاڻ + غرض (ع) مطلب پرواهه] مطلبي بي‌پرواهه نه رکندڙ
76- خوشحالي (ف+ع)	[خوش (ف)چڱو ڀلو + حال(ع)حالت موجودگي] شاهوڪاري آسودگي.
77- خوفزده (ع+ف)	[خوف (ع) هيبت - ڀوءِ+زده - زدن مارڻ] هيبت يا دهشت جو ماريل.
78- خوشگوار (ف)	[خوش=چڱو+ گوار - گواريدن= وڻڻ - پسند هئڻ] دل کي وڻندڙ.
79- خيرالبشر(ع)	[خير= چڱو - سٺو + بشر = انسان ذات] عظيم انسان - نبي سڳورو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ذات پاڪ .
80- دارالسلطنت (ع)	[دار= گهر - جڳهه +ال=جي يا جو سلطنت=تخت - حڪومت - گاديءَ جو هنڌ -
81- دارالشفا (ع)	[دار= جاءِ + ال =جو يا جي+شفا چڱڀلائي - تندرستي] صحت جو گهر يا شفاخانو

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
82- دارالعلوم(ع)	[دار=جاء+ال=جو+علوم=جمع علم جو - ڄاڻ - سبق] پڙهائي جو اسڪول - درسگاه
83- درسگاهه [ع+ف]	[درس[ع]سبق+گاه[ف]جاء]پڙهائي جي جاء - مدرسو - اسڪول.
84- دستخط [ف+ع]	[دست[ف]هٿ+خط[ع]اکر - تحرير هٿ سان لکيل اکر - صحيح.
85- دستياب [ف]	[دست - هٿ+ياب - يافتن=ملڻ لهڻ] حاصل ٿيڻ - هٿ لڳڻ.
86- دلپذير [ف]	[دل=دل+پذير=پسند پوڻ] دل پسند - دل کي وڻندڙ.
87- دسترس [ف]	[دست=هٿ+رس - رسيدن=هلڻ پهچڻ] هٿ جي هلت - هلندي پڄندي - با اثر
88- دلڪش[ف]	[دل = دل + ڪش - ڪشيدن = ڪاهڻ - ڇڪڻ] دل کي وڻندڙ دلپسند.
89 دور انديشي [ف]	[دور=پري+انديش=فڪر رکندڙ] ڏگهي نظر رکندڙ - ڏاهو

لفظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
90- ديوان (هه)	[ديو = وڏو ـ ديوتا + وان = مثل ـ جهڙو] ديوتا جهڙو ـ هندو قوم جو فرد يا شخصيت ۔
91- ذوالحج (ع)	[ذو ـ = آقا ـ مالڪ + ال = جو + حج = نيست ڪرڻ ـ چوڌاري ڦرڻ يا طواف ڪرڻ مڪي پاڪ ۾ بيت الله جي چوڌاري طواف ڪرڻ وارو وقت ۔
92- ذوالجناح (ع)	[ذو = آقا ـ مالڪ + ال = جو + جناح = پر ـ کنبي] پرن وارو گهوڙو يعاني اها سواري، جنهن جي ذريعي نبي سڳوري جن معراج طرف تشريف فرمائي ۔
93- ذوالفقار (ع)	[ذو = آقا ـ مالڪ + ال = جو + فقر = چيرڻ ـ وڍڻ] چيرڻ يا وڍڻ واري شيء تلوار حضرت علي سائينءَ جن جي تلوار جو نالو ۔
94- ذوالقرنين (ع)	[ذو = آقا ـ مالڪ + ال = جو

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
	قرن = سڱ ـ حد ـ صدي قرنين جمع سڱ يا صديون] حضرت ذوالقرنين جو لقب ، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيل آهي، جنهن جي مشرق کان مغرب تائين بادشاهي هئي.
95- راڄڌاني (هه)	[راڄ = تخت ـ حڪومت + ڌاني = هنڌ ـ جڳهه] حڪومت هلائڻ جي جاءِ ـ تخت گاهه
96- رسم الخط ـ ع	[رسم = نمونو ـ صورت + ال = جو خط اکر يا تحرير] اکرن يا تحرير جو نمونو ـ صورتخطي.
97- رفيق حيات (ع)	[رفيق = سنگتي ـ ساٿي + حيات = زندگي ـ حياتي] زندگيءَ جو ساٿي زال.
98 رومال [ف]	[رو = صورت ـ منهن + مال ـ ماليدن اگهڻ يا مهٽڻ] منهن اگهڻ وارو ڪپڙو.
99- روپوش [ف]	[رو = صورت ـ منهن + پوش ـ پوشيدن لڪڻ يا ڍڪڻ] لڪل منهن ـ گم

لفظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
100 رقمطراز ع - ف	[رقم (ع) لکيت ـ تحرير + طراز(ف) طرازيدن=نقش يا چٽسالي ڪرڻ] خوشنويس ـ تحرير جي چٽسالي ڪندڙ.
101- ريگستان [ف]	[ريگ = واري + ستان = جاء] واريءَ واري جاء يا هنڌ يعاني سنڌ ۾ ٿر وارو ڀاڱو.
102- زربفت ـف	[زر = سون ، چاندي ۽ دولت + بفت ـ بافتن = اڻڻ ناهڻ سنهري ڪپڙو.
103- زودرنج ـف	[زود = جلد + رنج ـ رنجيدن ڏک ڏيڻ] بخيل ـ هلڪڙو
104- سبڪدوش (ف)	[سبڪ = چست ـ هلڪڙو + دوش ڪاهو] غير زميدار
105- سبز پوش (ف)	[سبز = ساڻو ـ آباد + پوش پوشيدن = ڍڪڻ] ساوي پوشاڪ ڍڪيندڙ يعاني ملائڪ.
106- سپاسنامون (ف)	[سپاس = ثنا ـ تعريف + نامہ= تحرير] تعريفي خط

لفظ	اشتقاق ۽ معنائي
107- سبنڌ (هہ)	[س = سٺو - عمدو + بنڌ = بند] عمدو بند - چڱيءَ طرح مضبوط.
108- ستمگر (ف)	[ستم = ظلم - ڏاڍ + گر = ڪرڻ وارو] ظلم ڪرڻ وارو ظالم.
109- سربلندي (ف)	[سر = اوچو، طاقت، فڪر + بلند مٿاهون] اوچو فڪر رکڻ فخريه.
110- سرتاج (ف+ع)	[سر (ف) = اوچو - مٿو + تاج(ع) چٽ] اوچو چٽ، مٿي جو چٽ سربراه - اڳواڻ - خاوند.
111- سرخرو (ف)	[سرخ = لعل + رو = منهن] لعل يا ڳاڙهي منهن وارو - خوش باعزت.
112- سرگردان (ف)	[سر = مٿو + گردان - گردانيدن ڦرڻ يا ڦيرائڻ] مٿي جو ڦرڻ ڏاڻلان - پريشان،
113- سرنگون (ف)	[سر = مٿو - اوچو + نگون = الٽو - اونڌو] الٽو مٿو - نميل لڙيل، جهڪيل جهڪيو - شرمندو

لـفـظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
114- سنگدل(ف)	[سنگ = پٿر + دل=دل] پٿر دل سخت-هٺيلو
115- سنگسار(ف)	[سنگ = پٿر + سار = پريل، ڍڳ] پٿرن سان پريل] شرعي قانون مطابق، زنا ڪندڙ کي سنگسار ڪيو ويندو آهي، يعاني ايترا پٿر وسايا ويندا آهن جو هن جو جسم جو وڏو حصو پورجي ويندو آهي.
116- شاهڪار(ف)	[شاهہ = وڏو - ٻگهو + ڪار مقصد - ڪم] وڏو مقصد يا ڪارنامو
117- شب قدر [ف+ع]	[شب (ف) = رات + قدر (ع) قدر واري - عزت واري] قرآن شريف جي ارشاد مطابق هيءَ رات هزار مهينن کان وڌيڪ ڀلاري ۽ قدر واري آهي، هيءَ متبرڪ رات رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ اچي ٿي.
118- شب برات [ف]	[شب = رات + برات = حڪم ارشاد] ارشاد ۽ حڪم ڪرڻ واري رات هيءَ رات شعبان مهيني جي

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
	٥ تاريخ ۾ اچي ٿي، هن رات ۾ رزق جي ورهاست، گناهن ۽ ثواب جو دفتر لهي ٿو
119- شب معراج [ف+ع]	[شب (ف) رات + عروج (ع) بلنديءَ طرف چڙهڻ] بلنديءَ يا مٿاهين چڙهڻ واري رات، هيءَ رات رجب مهيني جي ٢٧ تاريخ تي اچي ٿي هن رات ۾ الله پاڪ امان جي پياري رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کي براق ذريعي آسماني سير ڪرايو ۽ ساڻن ملاقات جو شرف عطا ڪيو.
120- شبنم (ف)	[شب = رات + نم = پسيل آلو] آلاڻ واري رات. ماڪ
121- شمس العلماء [ع]	[شمس = سج - روشن + عالم = جمع عالم جو] گهڻن علمن جو ڄاڻو اديب - بزرگ - اسڪالر - عالم کي علم جي ذريعي روشن ڪندڙ
122- شهنشاهه [ف]	[شاهه = بادشاهه + شاهه بادشاهه] عظيم بادشاهه

لفظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
123- صلحنامو [ع+ف]	[صلح (ع) = ناهه ڪرڻ، نيڪ ڪم ڪرڻ + نامہ (ف) تحرير خط-] تحرير ذريعي رضانامون يا صلح ڪرڻ.
124- طبعزاد [ع+ف]	طبع (ع) = مزاج - طبيعت + زاد (ف) = پيدا ڪرڻ - ڄڻڻ] طبيعت کي پيدا ڪرڻ وارو - خوش مزاج - مذاقي مزاج.
125- عالمگير [ع+ف]	[عالم (ع) دنيا - ڪائنات + گير (ف) گرفتن = قبضي ۾ ڪرڻ] دنيا يا ڪائنات قبضي ۾ ڪندڙ خوش خلق - اورنگزيب مغل بادشاه جو لقب
126- عاليشان (ع)	[اعلي = بلند - وڏو + شان=عزت درجو] اعلي مرتبي وارو
127- عظمت (ع)	[عظم = بزرگي - برتري] بزرگي برتري
128- علمبردار [ع+ف]	[علم(ع)جهنڊو + بردار(ف) برداشتن کڻڻ] جهنڊو کڻي هلندڙ ليڊر - اڳواڻ

لفظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
129- غمخوار [ع+ف]	[غم [ع] رنج - ڏک + خوار[ف] خوردن - کائڻ - نوش ڪرڻ] رنج يا ڏک کائڻ وارو - هڏڏوکي همدرد.
130- فارغ التحصيل (ع)	[فارغ = خالي - نڪمثو + حصل ملڻ - حاصل ٿيڻ] ڪو ڪم پورو ڪري واندو ٿيڻ - آزاد
131- فرض شناسي(ع+ف	[فرض [ع] = تمام لازمي - خدا پاڪ جو حڪم + شناس [ف] سڃاڻڻ - واقف ٿيڻ - خدا پاڪ جي حڪم تي لازمي عمل ڪرڻ جوابداري محسوس ڪرڻ.
132- فتنه انگيز	[فتنه [ع] فساد - جهڳڙو + انگيز انگيختن = اڀارڻ - وڌائڻ] جهيڙو وڌائيندڙ - جهيڙاڪار - لوفر - فسادي
133- فلڪ شگاف [ع+ف]	فلڪ [ع] = آسمان + شگاف شگفتن = ڦاڙڻ - چيرڻ] آسمان کي ڦاڙيندڙ آواز - تمام وڏو آواز ڀيانڪ يا خوفناڪ آواز

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
134. قائد اعظم (ع)	[قائد = حاڪم - اڳواڻ + اعظم سڀ کان وڏو] تمام وڏو اڳواڻ باني پاڪستان محمد علي جناح جو لقب.
135- قرار داد [ع+ف]	[قرار(ع) سڪون - راحت - آرام+ داد (ف) دادن = ڏيڻ] دلي سڪون يا راحت ڏيندڙ - تجويز يا فيصلو.
136- قدم بوسي [ع+ف]	[قدم [ع] پير + بوس - بوسيدن چمي ڏيڻ] پير کي چمي ڏيڻ ادب ۽ عزت ڪرڻ.
137- قيامت (ع)	[قام - قيام = اٿي بيهڻ] الله پاڪ جي اڳيان حاضر بيهڻ - روز محشر
138- قلمبند [ع+ف]	[قلم (ع) = لکڻ جي شيء + بند - بستن = ٻڌڻ] قلم سان لکيل - قلمي تحرير.
139- ڪارساز [ف	[ڪار - ڪم + ساز - ساختن = ٺاهڻ بڻائڻ] ڪم بڻائيندڙ الله پاڪ
140- ڪامياب [ھ+ف]	[ڪام (ھ) مطلب - مراد + ياب (ف) يافتن - لهڻ - لهڻ] مراد

لغت	اشتقاق ۽ معنائون
	مائيندڙ - سوڀ وارو
141- ڪربلا (ع)	[ڪرب و بلا - ڪرب = رنج غم + بلا = مصيبت - مرض - آفت] مصيبت واري جاءِ عراق ملڪ ۾ آهي هت جتي حضرت امام حسين عليه السلام جن جي شهادت ٿي.
142- ڪپتيو (س)	[ڪ = ڪنو - خراب + پت ويساهه - اعتبار] خراب - اعتبار وارو ناهي.
143- ڪفايت شعاري (ع)	[ڪفايت = قناعت ڪرڻ + شعار ڍنگ - طريقو.
144- ڪشمڪش (ف)	[ڪش - ڪشيدن = ڪاهڻ - ڇڪڻ م = ۽ + ڪش = ڇڪڻ] نڇڪڻ
145- ڪوهستان (ف)	[ڪوهه جبل + ستان = جاءِ] جبلن جي جاءِ - جابلو علائقو صوبي سنڌ جو اولهه وارو پاسو
146- ڪوشان (ف)	[ڪوش - ڪوشيدن = محنت يا ڪوشش ڪرڻ] ڪوشش ڪندڙ هڏ ڏوکي.

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
147- ڪمخواب (ف)	[ڪم = گهٽ - ٿورو + خواب = خوابيدن = آرام ڪرڻ - سمهڻ ٿوري ننڊ ڪرائيندڙ - نيم خوابي هڪ قسم جو سنهري چمڪيدار ڪپڙو، جنهن جي پهرڻ سان (گرم هئڻ سبب) ننڊ گهٽ اچي ٿي.
148- ڪهڪشان (ف)	[ڪهڪ = ستارا - تارا + ڪشان ڪشادن = کولڻ - ٽڙڻ] رات جي وقت ۾ اونداهي ۾ ستارن جي جهرمٽ، جنهن جي ڏسڻ سان دل کي فرحت محسوس ٿئي ٿي تارن جو ڇهڇٽو.
149- گرد و نواح (ف+ع)	[گرد (ف) = چوڌاري ڦيرو + و = ۽ + نواح (ع) طرف] چئ طرف چوڦيرو.
150- گلدستو (ف)	[گل = گل + دست = هٿ] هٿ ۾ جمع گل = گلن جو ڇهڳٽو
151- گفتگو (ف)	[گفت - گفتن = چوڻ - ڳالهائڻ

لفظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
152- گلستان(ف)	[گل = گل + ستان + جاءِ] گلن جي جاءِ - باغ - باغيچو
153- گوشہ نشين (ف)	[گوشہ = پاسائتو - ڪنڊ + نشين نشتن = ويهڻ - اچڻ] پاسائتو ويهڻ منقي - درويش.
154- گلقند(ف)	[گــل = گل + قند = کنڊ] گلن ۽ کنڊ مان ٺهيل شيءِ.
155- گونا گون (ف)	[گون = رنگ + گون = رنگ] رنگ برنگي رنگ ٿي - رنگ طرح طرح جا رنگ.
156- لاوارث (ع)	[لا = نہ + وارث = ملڪيت جو مالڪ] بي ڌڻي = نڌڻڪو
157- لازوال [ع]	[لا = نہ + زوال = بربادي] فنا نہ ٿيندڙ شيءِ - الله تعاليٰ جي ذات پاڪ.
158- لاچار [ف]	[لا = نہ + چاره = رستو - لنگهہ هلڻ جو ڪوبہ ذريعو نہ هجي بيوس - مجبور.
159- لبريز [ف]	[لــب = چپ - ڪنارو + ريز

لـفـظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
	ريختن = هارڻ ـ وهائڻ] ڪناري ڪان وهڻ ـ ٽمٽار ـ پرپل.
160- مايہ‌ناز [ف]	[مايہ = سرمايو ـ دولت + ناز نازيدن = وڏائي ڪرڻ] دولت تي وڏائي ڪندڙ ـ مغرور
161- مجاهد [ع]	[جهد = ڪوشش ڪرڻ] ڪوشش ڪندڙ ـ خدا جي راھ ۾ جهاد ڪندڙ.
162- مخدوم [ع]	[خدم = خدمت ڪرڻ] جنهن جي خدمت ۽ ادب ڪيو وڃي درويش.
163- محمد [ع]	[حمد ـ ثنا ـ تعريف] تعريف يا ساراھ ڪيل آخري نبي پاڪ جو اسم مبارڪ
164- مد نظر	[مد (ف) = اڳيان + نظر [ع] نگاہ] نگاہ جي اڳيان اکين جي اڳيان.
165- محبوب [ع]	[حب = محبت ـ سڪ] جنهن شيء سان محبت هجي] محبت

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
	وارو پيارو
166- مرغوب [ع]	[رغب = ڌيان ڏيڻ - لاڙو رکڻ] جنهن ڏانهن توجه ڏجي - پسند ڪيل.
167- مشرڪ [ع]	[شرڪ = شريڪ ڪرڻ] الله پاڪ سان ٻيءَ شيءِ کي شريڪ ڪندڙ ڪافر.
168- مصنف [ع]	[صنف = جوڙڻ - بنائڻ] ڪتاب جوڙيندڙ يا بنائيندڙ - ليکڪ
169- مشغول [ع]	[شغل = ڪم ۾ رڌل] ڪم ۾ مصروف - مصروفيت.
170- مقصود [ع]	[قصد = پڪو ارادو ڪرڻ] پڪو خيال.
171- مقروض [ع]	[قرض = اڌارو ڏيڻ] جنهن شخص کي قرض ڏنو وڃي - قرضدار
172- معذور (ع)	[عذر = مجبوري ڪرڻ] مجبوري ڏيکارڻ وارو - لاچار
173- مملڪت (ع)	[ملڪ = حڪومت] جمع ملڪ يا حڪومتون - بادشاهت

لفظ	اشتقاق ۽ معانيٰ
174- مهاڀاري (س)	[مها = سردار - وڏو + ڀاري = ڳورو - مشڪل] وڏو يا مشڪل ڪم - وڏي لڙائي - عالمي جنگ
175- مهتاب (ف)	[ماهه = چنڊ + تاب = روشن] چنڊ جهڙو روشن - خوبصورت.
176- منصوبو (ع)	[نصب = رٿ قائم ڪرڻ] خيال قائم ڪرڻ.
177- مؤلف	[الف = جمع ڪرڻ - گڏ ڪرڻ] گڏ ڪندڙ - جيڪو مختلف ڪتابن تان ادبي شيون چونڊي هڪ ڪتاب ۾ جمع ڪري - تاليف
178- ميلادالنبي (ع)	[ميلاد = پيدائش يا ڄمڻ جو وقت + ال = جو + نبي - خبر ڏيڻ وارو - پيغمبر - رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي پيدائش جو وقت تاريخ ١٢ ربيع الاول صبوح صادق.
179- مؤرخ (ع)	[ارخ = تواريخ لکڻ] تواريخ لکندڙ يا ڄاڻيندڙ - تاريخدان

لفظ	اشتقاق ۽ معنائي
180- ناگزير (ف)	[نا = نہ + گزير = ٽرڻ - چارو علاج] اڻ ٽر - لاعلاج - لاچار.
181- نازنين (ف+هہ)	[ناز = (ف) نازيدن = وڏائي ڪرڻ نخرو ڪرڻ + نين - نظر - ڏسڻ] آڪڙ ۽ نخرو ڪندڙ عورت - حسين خوبصورت.
182- نصب العين (ع)	[نصب = قائم ڪرڻ + عين نظر - اک] نظر قائم ڪرڻ مقصد.
183- نشست و برخواست (ف)	[نشست - نشستن = ويهڻ + و = ۽ + برخواست - برخواستن = اٿڻ - وڃڻ] اٿڻ ۽ ويهڻ جو طريقو يا نمونو.
184- نقاب پوش (ع+ف)	[نقاب (ع) منهن جو ڍڪ + پوش - پوشيدن = پائڻ يا پهرڻ] منهن ڍڪيندڙ عورت - پرديدار.
185- نگهداشت (ف)	[نگاهہ = نظر + داشت - داشتن = رکڻ] نظر هيٺ - نظر ۾ رکيل.
186- نونهال (ف)	[نو = تازو - نئون + نهال سهڻو

لفظ	اشتقاق ۽ معنيٰ
187- وحدت الوجود (ع)	[واحد = هڪڙو - اڪيلو - وحدت = هيڪڙائي - "الله تعاليٰ جي هستي" + ال = جو - جي + وجود = ذات پاڪ - هستي.] اڪيلي خدا جي ذات پاڪ هستي صوفين جي هڪ ٽولي جو اهو عقيدو آهي ته هر شيءِ خود خدا پاڻ آهي.
188- وحدت الشهود (ع)	[واحد يا وحدت = هڪڙو - اڪيلو يا هيڪڙائي + ال = جو يا جي + شهود = حاضر هجڻ] الله تعاليٰ جو هر شيءِ ۾ موجود هجڻ] صوفين جي ٻي ٽولي جو عقيدو آهي ته هر شيءِ ۾ الله پاڪ جي ذات پاڪ موجود آهي.
189- همدرد (ف)	[هم = ساڳيو + درد = ڏک - تڪليف] ساڳيو يا هڪجهڙو ڏک رکندڙ - ساٿي - مخلص هڏڏوکي.

لفظ	اشتقاق ۽ معنائون
190- همسايہ (ف)	[هم = ساڳيو + سايہ = پاڇو ـ عڪس] ساڳي ئي پاڇي ۾ گذاريندڙ = پاڙيسري
191- هر دل عزيز (س+ف+ع)	[هر (س) هڪڙو هڪڙو = دل (ف) = دل + عزيز مڻٺ = پيارو] هر هڪ يا سڀني کي پيارو مقبول عام.
192- همعصر (ف+ع)	[هم = ساڳيو + عصر = عمر ـ زمانو] ساڳئي زماني وارو همعمر
193- ياد اشتنامو [ف]	ياد = ذهن ۾ ـ دانش ۾ ـ سمجهہ ۾ + داشت ـ داشتن = رکڻ + نامہ = تحرير ـ خط] ذهن ۾ رکڻ جهڙي تحرير ـ حافظو.
194- يڪمشت	[يڪ هڪ + مشت = مٺ ـ مڪو] هڪ مڪي ۾ ـ متفق

پهاڪا
Proverbs

چند لفظن تي مشتمل جملو يا لفظن جو مجموعو جنهن ۾ نصيحت آموز نڪتا ۽ قيمتي قول، جيڪي درويشن، بزرگن، ڏاهن، عقلمندن ۽ سيائن مائهن جي واتان نڪتل لفظن يا قولن کي "پهاڪو" چئجي ٿو.

اصطلاح يا پهاڪو، اسان جي ٻوليءَ جو هڪ بيبها خزانو آهي. اهي ائين آهن، جيئن ڪوزي ۾ بند ڪيل درياءَ چاڪاڻ ته لفظ ٿورا آهن، ليڪن انهن جي تشريح جامع ٿيندي آهي.

٢- اهي قيمتي قول، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ نه صرف ترقي آڻين ٿا، ليڪن سونهن ۽ خوبصورتيءَ ۾ پڻ اضافو ڪن ٿا.

٣. اصطلاح وانگر "پهاڪي" کي پڻ ٻه معنائون ٿينديون آهن، هڪ "لفظي" معانيٰ ٻي "تشريحي" يا رواجي معانيٰ.

اصطلاح يا پهاڪي جو دارو مدار بيءَ يا پوئين معاني سان آهي.

مثال:- * استاد جي مار ٻار جي سنوار *

لفظي معاني:- استاد جي مار ۾ شاگرد جو سڌارو آهي.

تشريحي معاني:- جيڪڏهن استاد، ڪنهن به شاگرد کي ڏوهي سمجهي ڪيس سزا ڏيندو ته ان لاءِ ۾ اها مار ڏاڍي فائدي واري ثابت ٿيندي.

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
1- آئي ٿانڊي ڪاڻ ٿي ٻوڙ چاڙي	[پنهنجي ڪم لاءِ آڏي ۽ مالڪ بنجي ويٺي] جيڪو پنهنجي ڪم لاءِ اچي، ۽ اتي پناهه وٺي ۽ وري پاڻ کي ان جو مالڪ سڏائي ويهي رهي. (ان لاءِ مٿين چوڻي چئي وئي آهي)
2- آويلو مهمان ٻلائي پاڻ	[بي وقتو مهمان ، ميزبان جي تڪليف جو سبب بڻبو آهي] گهر کي هلائڻ جي ذمه داري ۽ جوابداري عورت جي هٿ ۾ هوندي آهي، ڏينهن ڪان پوءِ رات اچي ٿي، جنهن ۾ هڪ ويلو ڪاڻو ڪائي پوءِ آرام جو وقت اچي ٿو ان وقت جيڪڏهن ڪو مهمان اچي ٿو ته، اهو وقت ميزبان لاءِ تڪليف جو سبب بنجي ٿو جنهن ڪري ڏاهن اهو "محاورو" استعمال ڪيو آهي.

لفظي ۽ تشريحي معانيءَ سميت	پهاڪا
[عادتي ماڻهوءَ مان عادت نه ويندي آهي] جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان چڱائي ڪجي ته، هو ان جي بدلي ۾ اڪثر مدائي ڪندو آهي.	3- اٺ جهڙن وڻ سان ڦٽجي، ان کي ڪاٺي
[اڳ ۾ پنهنجي ڀانڊيءَ تي ڏجي، پر تور گهٽ نه ڏجي] گراهڪ کان پئسا وٺي، پنهنجي ڀنڊيءَ تي واڄي، ايتري تور ۾ ڏيي هرگز نه ڪجي.	4- اڳيئي ڪلهو ڪاڙهجي، تڙ ڪنهن تاڙهجي
[اهو ڪم ٿي بيڪار آهي، جو فائدي بدران نقصان ٿئي] سون عورتن جو ڏاج آهي، اڪثر اهي ڪنن ۾ سون پائينديون آهن سون جي بار ڪري ڪنن کي نقصان رسندو آهي، تنهن ڪري اهڙو ڪم ڇو ڪجي جنهن مان فائدي کان گهڻو نقصان رسي.	5- اهڙو سون ٿيو گهوريو جو ڪن ڇنيءِ.

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معانيءَ سميت
6- اڻ ڳهڙيو ماءِ ٻه پٽ ڪي ٻبو نه ڏي.	[آڪثر ڪري سواءِ چوڻ جي ڪوبه ڪم نه ٿو ٿئي.] هن "محاوري" جو مطلب اهو آهي ته، خاموش رهڻ سان ڪوبه ڪم نه ٿيندو، چاڪاڻ ته ڪير به ان جو مطلب سمجهي نه سگهندو،
7- اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه رکجي.	[سستي ڪرڻ کان پاسو ڪجي] هن جو مطلب اهو آهي ته جيڪو ڪم هينئر ٿي سگهي ته ان کي پورو ڪجي، ايندڙ وقت لاءِ ان کي رکڻ لاءِ نقصان ٿي سگهي ٿو.
8- انڌير نگري چوپٽ راجا	[بي عقل بادشاه سبب، ملڪ ۾ انصاف بجاءِ ظلم طاري ٿئي ٿو] هن پهاڪي جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن بي عقل ۽ ظالم بادشاه جي ملڪ ۽ رعيت مٿان حڪومت ٿي، ته، ان حڪومت ۾ سواءِ ظلم

پھاڪا	لفظي ۽ تشريحي معانيءَ سميت
	۽ تشدد کان سواءِ ڪجهه به نظر نه ايندو.
9- ان آهي ته ايمان آهي.	[پيٽ پريل کي هر شيءِ ۾ لطف ايندو آهي] هن "چوڻيءَ" جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن پيٽ پريل نه هوندو ۽ بک هوندي ته هن کي ڪابه شيءِ نه وڻندي آهي.
10- انسان خطا جو گهر آهي	[انسان عيب دار ۽ گنهگار آهي] انسان گناهن کان بچڻ لاءِ ڪيتري به ڪوشش ڪندو ته به هن کان ٿوري گهڻي غلطي ضرور ٿيندي.
11- اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.	[قناعت ۽ بچت ڪبي ته ڪم ايندي] انسان کي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن سان دوچار ٿيڻو پوي ٿو جيڪڏهن بچت وارو ناڻو ڪيس هوندو ته هن کي ڏکئي وقت ۾ پريشان ٿيڻو نه پوندو.

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
12- ٻڪ ٻيڙو ٽول دانا ديوانا ڪري.	[ٻڪ خراب آهي ، سياڻا ٻه چريا ڪري ڇڏي] هن "قول" جو مطلب اهو آهي ته ، جڏهن انسان تي ٻڪ طاري ٿئي ٿي ته، هن جا عقلمنديءَ جي باوجود به ، حوصلا خطا ٿي وڃن ٿا.
13- پرائي دهلين احمق نچي.	[ٻئي جي در تي ، جيڪو دهل ٻڌي نچي ، اهو بيوقوف آهي] جيڪو ماڻهو ٻين جي درتي دهل ٻڌي وڃي نچندو ، ان جي ڪابه عزت ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ان کي سيڪو پينو يا ٻکيو سمجهندو.
14- پنج ئي آڱريون برابر نه آهن.	[سڀ آڱريون هڪجهڙيون نه آهن] هن "قول" مطابق ، سڀ ماڻهون ساڳين عادتن ۽ اخلاقن جا مالڪ نه آهن ، جيئن شاه صاحب فرمايو آهي ته "ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج"

ٻـهـاڪا	لفظي ۽ تشريحي معانيءَ سميت
15- ٻوءِ ڀائي ڪـان قـرض نـہ ڪڍجي توڙي لڪ لٽائـــي	[غريب مان جلد شاهوڪار ڪان قرض نہ وٺجي ، توڙي هو ڪيترو بہ ڏي] هن "چوڻيءَ" مان اهـا مراد آهي تـہ ، جيڪڏهن قـرض وٺجي تہ ڪنهن بنيادي ماڻهوءَ ڪان ڪڍجي ، ڇاڪاڻ تہ ، هـو ويل نہ وڃائيندو.
16- پريءَ ڀيڙيءَ ۾ واڏيو ڳورو	[ڪچهريءَ ۾ غريب جو ڳالهائڻ بہ خراب آهي] هن "قول" مان اها مراد آهي تہ، هن دنيا ۾ غريب ۽ شريف جو ڪوبہ قدر ڪونهي.
17- بہ گدرا مٺ ۾ نہ ايندا آهن.	[بہ ڪم هڪ وقت نہ ٿيندا آهن] هن "چوڻيءَ" مان اها مراد آهي تہ انسان جيڪڏهن چاهي تہ مان دولت بہ ڪٺي ڪريان ۽ الله تعاليٰ جي خوشنودي بہ حاصل ڪريان يا "خودي" ۽ "خدا" ٻئي ڳالهيون حاصل ٿيڻ اهو نـا ممڪن آهي.

لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت	پهاڪا
[بي بنياد شيءِ مان سٺو فائدو نه ملندو] بنيادي خاندان مان سٺي اميد رکي سگهجي ٿي، ليڪن بي بنياد مان سواءِ دشمني ۽ مدائي جي ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي	18- جنهن جو بڻ بنيان نه هن جو ميوو مٺو نه ٿئي.
[ٿوري غلطي سبب گهڻي تڪليف ٿئي ٿي] انسان کي ڪوبه ڪم ڪرڻ کان اڳ سوچ ويچار ۽ صلاح و مشورو ڪرڻ گهرجي ورنه ايهڙيءَ سبب "ٽر" جيتري غلطي به وڏي نقصان جو سبب بنجي ٿي.	19- ٽر جي ڪٽي سو چوٽون کائي
[بي سمجهه فت لعنت مان، عقلمند اشاري سان ڪم ڪندو آهي.] اهڙيءَ طرح نادان ۽ بيوقوف جو مرڪ آهي فت لعنت ليڪن عقلمند ۽ ڏاهي لاءِ اشارو ڪافي آهي.	20- ٽٽوءَ کي ٽارو تازيءَ کي اشارو
[نادان سان چڱائي ڪبي ته، ويتر هو نقصان جو سبب بنبو] هن "قول" مان اها مراد آهي ته،	21- چڱائي ڪر چٽ سان ڦڙائي هڻ چٽ سان

لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت	پهاڪا
[صحت مند کي هر ڪا شيءِ پئي وڻي] جيڪڏهن انسان خوش ۽ تندرست هوندو تہ هن کي سڄي دنيا پيئي وڻي، پر هو بيمار هوندو تہ هن کي ڪجهہ بہ نہ وڻندو.	22- جيءُ خوش تہ جهان خوش
[ذري ذري مان انبار بڻبو آهي.] هن "قول" مان اها مراد آهي تہ، جيڪڏهن انسان ڪوشش ۽ محنت ڪندو تہ ضرور هو ڪامياب ٿيندو ۽ مراد ماڻيندو.	23- ڦڙي ڦڙي تلاءُ
[مهمان کي ميزبان جي دعوت مان ئي ڪيس پتو پوي ٿو.] هن "چوڻيءَ" مان اها مراد آهي تہ، اڪثر ماڻهو ظاهري وڏائي ۽ ٺٺ رکندا آهن، ٻئي جي ليکي تہ هي ڪو وڏو ماڻهو آهي، مگر جڏهن هن جي تہ ڏي وجبو تہ سندس اصليت جي خبر پئجي ويندي.	24- کاڻ جي کاڻي، ماڻيءَ مان معلوم ٿي.

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
25- رهو حلال پوڻيون حرام	[خوش آمدڙيا ماڻهو ، سچ کي ڇڏي ، ڪوڙ کي ترجيح ڏيندا آهن اڪثر لالچي ماڻهو ، پنهنجي آقائن جي رحماني پهلوئن کي ڇڏي شيطاني ڪم جي وڏيڪ تعريف ڪرڻ لڳندا آهن.
26- ڏيئي جي هيٺيان اوندهه	[ڏيئي جي روشنائي پري هوندي آهي ، ليڪن هيٺان اوندهه هوندي اٿس] اڪثر ڪري اهو ڏٺو ويو آهي ته، ڪنهن ماڻهوءَ جي جيتري پر پري شهرت ۽ تعريف ٿيندي آهي آهي ، اوتري ان جي آس پاس يا نزديڪ نه هوندي آهي.
27- سر ڏجي پر سر نه ڏجي	[جان ڏجي پر راز نه ڏجي] هن قول جو اهو مطلب آهي ته، جيڪڏهن جان کي ڪا تڪليف اچي ته پل اچي ، اها صرف هڪ ماڻهوءَ کي ايندي، ليڪن راز ظاهر ڪرڻ ڪري ڪيترا ڦتجي ويندا.

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معائني سميت
28- سوڙ آهــر پير ڊگهيرجن	[طاقت آهر ڪم ڪرڻ گهرجي] انسان کي هميشه پنهنجي طاقــت جيــــان ڪم ڪرڻ گهـــــرجي، جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ ضرور تڪليفون ڏسندو .
29- ڪنيو ڪا ڱي فقير ڏڪ جهلي پولڙو	[فائدو هڪڙي کي ملـي ، ڏک ٻيا سهن] اڪثر ماڻهو پنهنجـــي مفاد خاطر ناجائز طريقو اختيــــار ڪري ٻين کي نقصان پهچائين ٿا.
30- ڪا ڏي ڪوهہ بہ ڪٽي وڃن	[ڪائڻ سان وڏي ۾ وڏو خزانــو بہ کٽي ويندو] ماڻهو بيڪار ويٺو هوندو ۽ ڪم ڪار نہ ڪندو تہ آخر ڪيتـرو بہ هـــن وٽ جمع هوندو سڀ کپي ويندو .
31- گرهہ گهٽ چلهہ وٽ	[پرديس جي گهڻي ڪمائيءَ کان وطن ۾ ٿوري ڪمائي بهتر آهي] جيڪو ماڻهو اڌ کي ڇڏي سڄيءَ ڏانـهن ڀڄندو ســو اڌ ڪـــاڻ بـہ سڪندو.

پـهـاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
32- گهر جو پير چلهه جو دارنگ	[جلدي جلدي ملڻ سان محبت ٿوري رهندي] گهٽ ملڻ سان آفيت آهي ، لالچ سبب در در تي وڃي ملاقات ڪرڻ مان شخصيت ـ ليڊر شپ ـ بزرگي ـ قائم رهي نه ٿي سگهي.
33- ما رڻ واري کان، بچائڻ وارو وڏو	[جنهن کي رب رکي ، تنهن کي ڪير چکي] جنهن شيء کي الله پاڪ بچائي، ان شيء کي دنيا جي ڪابه طاقت ماري نه ٿي سگهي.
34- ماڻهو سڀ نه سهڻا ، پکي سڀ نه هنج	[سڀ ماڻهو برابر نه آهن ۽ نه وري پکي سڀ هنج آهن] "پنج ئي آڱريون برابر نه آهن" سڀ ماڻهن جون عادتون ۽ اخلاق برابر نه آهن، ڀلا ۽ نيڪ ماڻهو ٿورا آهن.
35- نيڪ صورت کان نيڪ سيرت ڀلي.	[سونهن کان لچڻ وڏيڪ آهي] ماڻهو جيڪڏهن شڪل جي لحاظ کان سهڻو هجي ۽ هن جون عادتون خراب هجن ته پوء اها سونهن ڪوڙي ڪم جي

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
36- نيڪي ڪري درياهه ۾ وجهه	[نيڪي ڪري وساري ڇڏجي] جيڪو ماڻهو نيڪ ڪم ڪري وري ان کي ٻيو بار بار ورجائي، ته اها چڱائي ان تائين محدود رهندي، ڇاڪاڻ ته اهڙي نيڪي رب کي پسند نه آهي.
37- نادان دوست کان ۽ دانا دشمن ڀلو	[بيوقوف دوست کان، سيائو دشمن ڀلو آهي] هن پهاڪي جو مفهوم اهو آهي ته بيوقوف دوست جومشورو به گهوريو ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪوبه فائدو نه رسندو - عقلمند دشمن مان ڪوبه خطرو نه آهي، ڇاڪاڻ ته هو هر قدم سوچي کڻندو.
38- نه پرائي ڪتي کي هٿ لائجي نه پنهنجو پٽ ڦاڙائجي	[ٻئي جي ڪتي کي هٿ لائي، پنهنجو پٽ نه ڦاڙاءِ] نه ٻئي کي خراب سمجهه نه پاڻ کي بڇڙو ڪراءِ، هو جوني تون م چو واتون ورائي، اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي "شاهه صاحب"

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
39- وات ۾ اڃ طبيب آهي	[ٿورو کائڻ صحت آهي] هروقت ٿي کائڻ، جيڪڏهن ٿي گره گهٽ کائبو ته انسان دائمي تندرست رهندو ۽ هن کي حڪيم وٽ وڃڻو نه پوندو.
40- هلڻ ۽ سارو هوڪو ڏجي	[هٽ تي جيڪا شيءِ هوندي، ان جو ناءُ وٺبو] چڱي ماڻهوءَ کان چڱائي ٿيندي، بري کان برائي ٿيندي، جنهن ماڻهوءَ جي جيڪا عادت هوندي، اهائي ظاهر ڪندو
41- هڄڻ ڏاڍو ته گهم لاڙڪاڻو	[دولت اٿئي ته لاڙڪاڻو گهم] هن "قول" مان اها مراد آهي ته، جيڪڏهن لاڙڪاڻو گهمڻو اٿئي ته پاڻ سان پئسو هڄجانءِ ورنه خالي کيسي بازارن مان گهمڻ مان ڪهڙو فائدو، ڇو اهو به ڏٺو ۽ پڙهو ويو آهي ته ڪيترن ماڻهن کي پئسي هوندي به هو گهرجون پوريون ڪري نه سگهيون آهن، اڻ پورو ڪردو

پهاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
	وٺي ڪيسا خالي ڪيون واپس روانا ٿيا آهن، ڏاهن ماڻهن شايد ان منظر کي ڏسي اهو قول ڪيو آهي.
42- هٿ وڍائي جو ڏکو وڍ ـ ڏکو طبيب	[جيڪڏهن پاڻ کي پنهنجي هٿ سان وڍيو، ته حڪيم ڇا ڪندو] جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيوقوفيءَ سبب، پنهنجو پيو نقصان ڪندو ته ان کي سمجهائڻ ۾ ڪجهه فائدو نه پوندو.
43- هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهي	[تاڙي ٻن هٿن سان وڄندي آهي، هڪ هٿ سان نه] هن "قول" جو مطلب اهو آهي ته، جيڪڏهن ڪوبه ڪم بجاءِ هڪ جي ۾ گڏجي ڪندا ته آسانيءَ سان پورو ٿي ويندو.
44- هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا	[ظاهر ۾ شريف، اندر گناهه سان ڀرپور] اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي، ته ڪيترا ماڻهو پنهنجي مفاد کي جائز ناجائز حاصل ڪرڻ لاءِ منهن

ٻـهـاڪا	لفظي ۽ تشريحي معنائن سميت
	۾ اهڙا ته مٺا هوندا آهن، ليڪن حقيقت ۾ هنن جو اندر ابليس کان گهٽ نه هوندو آهي.
45- هارائي کان پيتو ڀلو آهي.	[ڪنهن شيءِ کي زيان ڪرڻ کان استعمال ڪرڻ چڱو آهي] هن "قول" مان مراد آهي ته، پيسي کي گڏ ڪرڻ يا اجاين ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کان چڱي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ ڀلو آهي.
46- ياد جنهين کي يار، سي ياد هميشه يار کي.	[جيڪو ڪنهن دوست کي ياد ڪري ٿو ته دوست به ان کي ياد ڪري ٿو] هن "چوڻيءَ" مان اها مراد آهي، ته جيڪو رب پاڪ کي دل سان ياد ڪري ٿو ته رب پاڪ به ان ٻانهي کي ياد ڪري ٿو.

ضــد

Antonym

هيٺ ڏنل لفظ هڪ ٻئي جا مخالف آهن ، تنهنڪري انهن کي هڪ ٻئي جو "ضد" چئبو آهي.

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
-١	الله	[redacted]	-١١	اصل	نقل
-٢	آرام	آزار	-١٢	اسلام	ڪفر
-٣	آباد	برباد	-١٣	استاد	شاگرد
-٤	آقا	غلام	-١٤	اڪبر	اصغر
-٥	اعليٰ	ادنيٰ	-١٥	امانت	خيانت
-٦	آسمان	زمين	-١٦	اقرار	انڪار
-٧	آسان	دشوار	-١٧	الفت	ڪلفت
-٨	اول	آخر	-١٨	انصاف	ظلم
-٩	اڇو	ڪارو	-١٩	انسان	حيوان
-١٠	ابتدا	انتها	-٢٠	اندروني	بيروني

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
٢١-	اندر	ٻاهر	٤٠-	ٻوڏ	سوڪ
٢٢-	اڪثريت	اقليت	٤١-	ڀاڳ	نياڳ
٢٣-	امن	فساد	٤٢-	ڀاڳيو	چور
٢٤-	اشراف	ڪمينو	٤٣-	ٻوڪ	ڏاهو
٢٥-	اجايو	سجايو	٤٤-	تاڪيو	تڪرو
٢٦-	بادشاهه	غلام	٤٥-	تائيد	ترديد
		رعيت	٤٦-	تازي	ٻاروٽي
٢٧-	باقي	فاني	٤٧-	تعريف	توهين
٢٨-	باريڪ	ٿلهو	٤٨-	تقدير	تدبير
٢٩-	بقا	فنا	٤٩-	تعمير	تخريب
٣٠-	ٻاهه	پاڻي	٥٠-	تڪڙو	ڍلو
٣١-	بهشت	دوزخ	٥١-	تڪبر	تدبر
٣٢-	بهتر	بدتر	٥٢-	تندرست	بيمار
٣٣-	بافيض	بي فيض	٥٣-	تقرير	تحرير
٣٤-	باادب	بي ادب	٥٤-	ترقي	تنزل
٣٥-	بدبخت	نيڪبخت	٥٥-	تيزرفتار	سست رفتار
٣٦-	ٻالڪ	ٻڍو	٥٦-	ٿاڌل	چاهه-ڪافي
٣٧-	ٻانهو	آقا	٥٧-	ٿڌاڻ	ڪوساڻ
٣٨-	ٻار	ڪراڙو	٥٨-	ٿڪ	آرام
٣٩-	ٻڏڻ	چوڙڻ	٥٩-	ٿلهو	سنهو

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
-٦٠	ناهه	جهگڙو	-٧٩	چاق	بيمار
-٦١	ناهوڪو	خراب	-٨٠	چالو	خاص
-٦٢	پاڪ	پليد	-٨١	چاء	شربت
-٦٣	پنهنجو	پرائو	-٨٢	چست	سست
-٦٤	پيارو	سوار	-٨٣	چڱو	خراب
-٦٥	پير	فقير	-٨٤	حاڪم	محڪوم
-٦٦	پورو	اڌورو			غلام
-٦٧	پڪو	ڪچو	-٨٥	حاضر	غائب
-٦٨	پرڻيل	ڪنوارو	-٨٦	حلال	حرام
-٦٩	ثنا	توهين	-٨٧	حق	باطل
-٧٠	ثواب	ڏوهه	-٨٨	حڪيم	بيمار
-٧١	جاڪوڙ	فرحت	-٨٩	حياتي	مماتي
-٧٢	جائز	ناجائز	-٩٠	حبيب	حريف
-٧٣	جزا	سزا	-٩١	خالق	مخلوق
-٧٤	جوان	ٻالڪ	-٩٢	خادم	مخدوم
-٧٥	جنت	جهنم	-٩٣	خواب	سجاڳ
-٧٦	جيڙو	مٿل	-٩٤	خاص	عام
-٧٧	جفا	سستي	-٩٥	چوڪر	ٻڍو
-٧٨	جاڳ	ننڊ	-٩٦	چيلو	ٻڪري

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
-۹۷	ڏانهن	خاموش	-۱۱۶	رحمت	زحمت
-۹۸	داناءُ	چريو	-۱۱۷	رحم	ظلم
-۹۹	داخلي	خارجي	-۱۱۸	روح	جسم
-۱۰۰	دنيا	آخرت	-۱۱۹	روز	شب
-۱۰۱	دوست	دشمن	-۱۲	زندگي	موت
-۱۰۲	دين	دنيا-دولت	-۱۲۱	زنده	مرده
-۱۰۳	ڍوءُ	بک	-۱۲۲	زمين	آسمان
-۱۰۴	ڍڳ	ڍيري	-۱۲۳	زبر	زيـــر
-۱۰۵	ڍڪيل	ظاهر	-۱۲۴	سائين	غلام
-۱	ڏار	ڳنڍ	-۱۲۵	سائو	سڪو
-۱۰۷	ڏڪار	پيار	-۱۲	سخت	نرم
-۱۰۸	ڏاهو	چريو	-۱۲۷	سوال	جواب
-۱۰۹	ڏاڍو	هيڻو	-۱۲۸	سک	ڏک
-۱۱۰	ڏينهن	رات	-۱۲۹	سخي	بخيل
-۱۱۱	ڏک	سک	-۱۳۰	سيارو	اونهارو
-۱۱۲	ڏنگو	سڌو	-۱۳۱	شاه	گدا
-۱۱۳	ڊوڙڻ	ويهڻ	-۱۳۲	شاهوڪار	غريب
-۱۱۴	ڊگهو	ٺندرو	-۱۳۳	شادي	غمي
-۱۱۵	راحت	رنج	-۱۳۴	شريف	شرير

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
۱۳۵-	شب	روز	۱۵۵-	عاشق	معشوق
۱۳۶-	شاد	رنج	۱۵۶-	عيب	ثـواب
۱۳۷-	شڪست	ڪاميابي	۱۵۷-	غافل	سجاڳ
۱۳۸-	شڪر	بي شڪر	۱۵۸-	غريب	امير
۱۳۹-	شاڪر	بي نصيب	۱۵۹-	غائب	حاضر
۱۴۰-	صالح	طالح	۱۶۰-	غلام	آزاد
۱۴۱-	صاف	خراب	۱۶۱-	غلط	برابر
۱۴۲-	صادق	ڪاذب	۱۶۲-	غني	مفلس
۱۴۳-	صلح	جهڳڙو	۱۶۳-	فاني	باقي
۱۴۴-	صحيح	غلط	۱۶۴-	فائدو	نقصان
۱۴۵-	ضايع	محفوظ	۱۶۵-	فنا	بقا
۱۴۶-	ضدي	شريف	۱۶۶	قڪائي	مٺائي
۱۴۷-	طلوع	غروب	۱۶۷-	فاعل	مفعول
۱۴۸-	طاقت	ڪمزوري	۱۶۸-	ڪالهه	اڄ
۱۴۹-	طالب	مطلوب	۱۶۹-	ڪمال	زوال
۱۵۰-	ظالم	عادل	۱۷۰-	ڪامل	ناقص
۱۵۱-	ظاهر	باطن	۱۷۱-	ڪمائتو	بيڪار
۱۵۲-	عاقل	جاهل	۱۷۲-	ڪبرا	صغرا
۱۵۳-	عام	خــاص	۱۷۳-	ڪبير	صغير
۱۵۴-	عامل	بي عمل	۱۷۴-	قاتل	مقتول

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
۱۷۵-	قليل	ڪثير	۱۹۴-	لوهه	ڪاٺ
۲۷٦-	قوي	ضعيف	۱۹۵-	ليڪر	سفيد
۱۷۷-	ڪاڻو	پهڻو	۱۹٦-	مالڪ	غلام
۱۷۸-	ڪنو	مٺو	۱۹۷-	مادي	نر
۱۷۹-	ڪلڻ	روئڻ	۱۹۸-	ماضي	مستقبل
۱۸۰-	ڪوٽ	واڌ	۱۹۹-	مغرب	مشرق
۱۸۱-	گناه	ثواب	۲۰۰-	مونث	مذڪر
۱۸۲-	گندگي	صفائي	۲۰۱-	مدعي	مدعاليه
۱۸۳-	گڏ	ڌار	۲۰۲-	مرد	عورت
۱۸۴-	گهاٽو	ڇڊو	۲۰۳-	مريد	مرشد
۱۸۵-	گهوٽ	ڪنوار	۲۰۴-	مرشد	مريد
۱۸٦-	گهلو	ٿورو	۱۰۵-	مسلمان	مشرڪ
۱۸۷-	گرم	سرد	۲۰٦-	محمد صه	[redacted]
۱۸۸-	ڳاڙهو	اڇو	۲۰۷-	مشڪل	آسان
۱۸۹	ڳجهو	ظاهر	۲۰۸-	مخالف	موافق
۱۹۰	ڳرو	هلڪو	۲۰۹-	مومن	ڪافر
۱۹۱-	لاهه	چاڙهه	۲۱۰-	ميزبان	مهمان
۱۹۲-	لائق	نالائق	۲۱۱-	مصيبت	ڇوٽڪارو
۱۹۳-	لهڻ	چڙهڻ	۲۱۲-	ميلاپ	وڇوڙو

نمبر	لفظ	ضد	نمبر	لفظ	ضد
٢١٣-	مٺي خانو	مسجد	٢٢٤-	واقف	غيرواقف
٢١٤-	نام	گمنام	٢٢٥-	واڌ	گهٽ
٢١٥-	نظم	نثر	٢٢٦-	وصال	وڇوڙو
٢١٦-	نقصان	نفعو	٢٢٧-	ويجهو	ڏور
٢١٧-	نعمت	مصيبت	٢٢٨-	هاڃيڪار	فيض وار
٢١٨-	نر	مادي	٢٢٩-	هاڪار	ناڪار
٢١٩-	نيڪ نيت	بد نيت	٢٣٠-	هاري	زميندار
٢٢٠-	نيڪ	بد	٢٣١-	هوشيار	موڳو
٢٢١-	نشست	برخواست	٢٣٢-	يادگار	فراموشي
٢٢٢-	نئون	پراڻو	٢٣٣-	ياد	فراموش
٢٢٣-	واحد	جمع			

پورو ٿيو

هي ڪتاب خادميه اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
لاڙڪاڻه ۾ ڇپيو

اسان جا پيا ڪارائتا ڇپيل ڪتاب

1- نيو پاڪيٽ انگلش سنڌي ڊڪشنري اچارن سان انگريزي ٻوليءَ جا صحيح اچار - ميڊيڪل ڊڪشنري سميت.
اصطلاح ۽ انگريزي معاون ني مشتمل
منجهائيندڙ لفظ - ضد - پهاڪا قيمت 00 - 12

مايوس نہ ٿيو هيٺيون ڪتاب پڙهو
” ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي “

2- Modren Typical, Essays & letters
in Esay Simple language Price 9-00
for High Schools & College Classes.

اڪثر ڪري اهو ڏٺو ويو آهي تہ شاگرد گرامر ڪان پيا ڪيٻائيندا آهن ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکي مسٽر حامد علي - ڊي - وگهن هيٺيون ڪتاب تيار ڪيو آهي.

3- انگلش گرامر ۽ ٽرانسليشن وٽ ڪانورسيشن
ڪلاس ڇهين کان ڏهين تائين
پارٽ I ۽ II قيمت 00 - 5

4- فارسي گرامر - خط مضمون ۽ آسان سمجهڻ سان
قيمت 00-5

قيمت **5-00**

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪل ٿائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)